روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
ڪراچي
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8
جلد: 11 | خميس 22 ڊسمبر 2022ع بمطابق 27 جمادي الاول 1444هه | شمارو 69 | قيمت 10 رپيا


# پاڪستان پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي خلاف ڪارروائي جاري رکندو: بلاول

تحريڪ طالبان پاڪستان طرفان ڪيل دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ جوڳا قدم کنيا پيا وڃن، بنون ۾ دهشتگردي کي منهن ڏيڻ لاءِ اثرائتي ڪارروائي ڪئي وئي

پاڪستان پنهنجي سرزمين جي تحفظ لاءِ وڏيڪ اثرائتا قدم کڻندو، ان سلسلي ۾ افغانستان پنهنجو ڪردار ادا ڪندو، پاڪستان دهشتگردي جو خاتمو چاهي ٿو

جنهن لاءِ سنجيدا ڪوششون ڪيون پيون وڃن، نوجنوري تي پاڪستان جي ٻوڏ سٽيلن جي امداد لاءِ ڪڏيل قومن پاران منعقد ڪرايل عالمي ڪانفرنس ٻوڏ متاثرن لاءِ جوڳا قدم کنيا ويندا

موسمياتي تبديلين جي نتيجي ۾ برسات ۽ ٻوڏ جي تباهڪارين سبب پاڪستان لاءِ هلندڙ سال ڏکيو ترين رهيو، خاص طور پاڪستان جي ٻن صوبن ۾ 47 سيڪڙو تعليمي ادارن جون عمارتون تباهه ٿي چڪيون آهن

جنهن سبب 52 سيڪڙو ٻار تعليم کان محروم ٿي ويا آهن، صحت جي صورتحال ٻڻتي جوڳي آهي، جڏهن ته 50 لک ايڪڙن تي بيٺل فصل مڪمل طور تباهه ٿي چڪا آهن

بحالي واري ڪم لاءِ اجاروڌيڪ امداد جي ضرورت آهي، وفاقي سرڪار اها ڪوشش ڪري رهي آهي ته نه رڳو موجودا معاشي صورتحال بهتر ڪئي وڃي پر اهڙي اثرائتي معاشي پاليسي ترتيب ڏني وڃي

واشنگٽن (م د) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته تحريڪ طالبان پاڪستان طرفان ڪيل دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ جوڳا قدم کنيا پيا وڃن، واشنگٽن ۾ اٽلانٽڪ ڪائونسل کي خطاب ڪندي هن چيو ته بنون ۾ دهشتگردي کي منهن ڏيڻ لاءِ اثرائتي ڪارروائي ڪئي وئي. هن چيو ته پاڪستان پنهنجي سرزمين جي تحفظ لاءِ وڌيڪ اثرائتا قدم کڻندو. هن ان اميد جو اظهار ڪندي چيو ته ان سلسلي ۾ افغانستان پنهنجو ڪردار ادا ڪندو. دهشتگردي جي خاتمي جي حوالي سان هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته پاڪستان دهشتگردي جو خاتمو چاهي ٿو جنهن لاءِ سنجيدا ڪوششون ڪيون پيون وڃن. بلاول ڀٽو چيو ته ڪيس اميد آهي ته نو جنوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

# رياست ڪنهن به دهشتگرد گروپ يا تنظيم آڏو نه جهڪندي: وزيراعظم

پاڪستان ۾ افراتفري پکيڙڻ جي مذموم ڪوشش کي ڪچليو ويندو، رياست ڪنهن به دهشتگرد گروهه يا تنظيم آڏو جهڪي نه ويندي: شهباز شريف

دهشتگردن سان آئين ۽ قانون موجب سختي سان ڪارروائي ڪئي ويندي، حڪومت دهشتگردن جي ٻاهرين سهولتڪارن ۽ انهن جي پناهه گيرن سان نبيڙيندي

شهباز شريف دهشتگردي خلاف وڙهندڙ فورسز جي جذبي ۽ عزم کي خراج عقيدت پيش ڪيو، قوم پنهنجي بهادر قوتن سان دهشتگردي جو خاتمو آڻيندي

زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعاگو آهيان ۽ ڪين علاج جون بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي، هٿياربند فوج ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جون قربانيون ناقابل فراموش آهن

آپريشن ردالفساد ۽ ضرب عضب دهشتگردي جي خاتمي لاءِ اهم قدم آهن، شهيدن جي قربانين کي رائيگان وڃڻ نه ڏينداسين: پاڪستان مسلم ليگ ن جو صدر

امن ۽ پائيداري جي بنيادي ذميواري صوبن جي آهي پر وفاقي حڪومت انهن مسئلن تي اکيون بند نه ٿي ڪري سگهي، دهشتگردي خلاف جنگ ڪاميابي سان کٽي ڪر ڪندا

اسلام آباد (م د) وزير اعظم شهباز شريف خيبرپختونخواهه ۾ دهشتگردي جي تازي واقعن تي پنهنجي پيغام ۾ واضح ڪيو آهي ته رياست ڪنهن به دهشتگرد گروپ يا تنظيم آڏو جهڪي نه ويندي. بنون ۽ ٻين علائقن ۾ دهشتگردن جي ڪاروائين جي سخت مذمت ڪندي شهباز شريف چيو ته پاڪستان ۾ افراتفري پکيڙڻ جي مذموم ڪوشش کي ڪچليو ويندو. وزيراعظم ان عزم جو ورجاء /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

خيرپور: وزيراعظم شهباز شريف ٻوڏ متاثرن کي خطاب ڪندي

# عالمي بئنڪ سنڌ جي ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ 1.692 ارب ڊالرن جي پروجيڪٽس جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثرن جي بحالي تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي، وزيراعليٰ سنڌ ٻوڏ متاثر علائقن مان پاڻي نيڪال ڪرڻ واري عمل جي پاڻ مانيٽرنگ ڪري رهيا آهن

آبپاشي کاتي پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ضلعي انتظاميا متاثر ٿيل علائقن مان پاڻي جي نيڪال لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا آهن: صوبائي وزير

ڪٽڪ جي پوکي ڪندڙ هارين کي في ايڪڙ 5000 هزار رپيا ڏيڻ لاءِ سروي جو ڪم تيزي سان جاري آهي، زراعت ۽ روينيو کاتن جي 4048 ٽيمون ديهي جي سطح تي سروي جو ڪم ڪري رهيون آهن

صوبي جي علائقن ۾ سروي لاءِ ديهي سطح تي ٽيمون جوڙيون ويون آهن، عالمي بئنڪ سنڌ جي ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ گذريل ڏينهن 1.692 ارب ڊالرن جي پروجيڪٽس جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي

# پنجاب اسيمبلي ۾ ن ليگ جي ميمبرن جو انگ وڌيڪ آهي: آصف علي زرداري

وڏ وزارت ان جو حق آهي، منهنجي لاءِ حمزا ۽ بلاول ڪو فرق ناهي، حمزا منهنجي لاءِ بلاول کان گهٽ ناهي

پنجاب اسيمبلي ۾ ن ليگ ميمبرن جي انگ وڌيڪ آهي تنهنڪري پنجاب ۾ وڏ وزارت ان جو حق آهي

ڪجهه ڏينهن کان خبرون اچي رهيون آهن ته اڳوڻي صدر پنجاب ۾ وڏ وزارت پيپلز پارٽي کي ڏيارڻ لاءِ سرگرم آهي

لاهور (م د) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته پنجاب اسيمبلي ۾ ن ليگ جي ميمبرن جو انگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: صدر عارف علوي مختلف ماڻهن سان گڏجاڻي ڪندي

## ق ليگ پنجاب جي پارلياماني پارٽي جي سمورن ميمبرن فيصلي جو اختيار پرويز الاهي کي ڏئي ڇڏيو

لاهور (م د) پاڪستان مسلم ليگ ق جي پنجاب پنجاب پارلياماني پارٽي ۾ شامل ڌهه اسيمبلي ميمبرن پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي تي اعتماد جو اظهار ڪري ڇڏيو. ق ليگ جي پنجاب پارلياماني پارٽي جو اجلاس وڏي وزير پرويز الاهي ۽ پارلياماني ليڊر ساجد ڀٽي جي صدارت هيٺ ٿيو اجلاس ۾ پنجاب جي موجودا سياسي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

# راولپنڊي (م د) آرمي چيف جنرل عاصم منير سي ايم ايڇ راولپنڊي جو دورو ڪيو ۽ بنون آپريشن ۾ زخمي آفيسرن ۽ جوانن جي عيادت ڪري سندن بلند حوصلي جي واکاڻ ڪئي. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف جنرل عاصم منير سي ايم ايڇ راولپنڊي ۾ سي ٽي ڊي ڪامپليڪس بنون ۾ آپريشن دوران زخمي ٿيندڙ آفيسرن ۽ جوانن سان ملاقات ڪئي. پاڪ فوج جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

# آرمي چيف جو سي ايم ايڇ پنڊي جو دورو، بنون آپريشن ۾ زخمي جوانن جي عيادت

آرمي چيف جنرل عاصم منير سي ايم ايڇ راولپنڊي جو دورو ڪيو ۽ بنون آپريشن ۾ زخمي آفيسرن ۽ جوانن جي عيادت ڪري سندن بلند حوصلي جي واکاڻ ڪئي

آرمي چيف جنرل عاصم منير سي ايم ايڇ راولپنڊي ۾ سي ٽي ڊي ڪامپليڪس بنون ۾ آپريشن دوران زخمي ٿيندڙ آفيسرن ۽ جوانن سان ملاقات ڪئي

پاڪ فوج جو سربراهه ڪجهه دير انهن سان گڏ رهيو، هن ڪانئن خيريت پڇي ۽ زخمي آفيسرن ۽ جوانن جي بلند حوصلي ۽ جذبي کي ساراهيو: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (م د) آرمي چيف جنرل عاصم منير سي ايم ايڇ راولپنڊي جو دورو ڪيو ۽ بنون آپريشن ۾ زخمي آفيسرن ۽ جوانن جي عيادت ڪري سندن بلند حوصلي جي واکاڻ ڪئي. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف جنرل عاصم منير سي ايم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

# وزيراعظم شهباز شريف جا آصف زرداري، چوڌري شجاعت ۽ پنجاب جي گورنر سان ٽيليفون تي رابطا

وزيراعظم ٽنهي اڳواڻن کي فون ڪيو ۽ پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر طرفان اسيمبلي اجلاس کي غير آئيني قرار ڏيڻ کان پوءِ جي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون

آئين جو آرٽيڪل 130 ۽ پنجاب اسيمبلي جا قائدا قانون صاف ظاهر آهن جيڪڏهن پرويز الاهي اعتماد جو ووٽ نه ورتو ته گورنر آئين موجب پنهنجو ڪردار ادا ڪندو

بي اعتمادي رٽ جمع هجي يا اعتماد جي ووٽ جو معاملو هجي ته اجلاس گورنر ٿي گهرائيندو، پنجاب جي گورنر جي گهرايل اجلاس کي اسپيڪر نٿو روڪي سگهي

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف آصف زرداري، چوڌري شجاعت حسين ۽ پنجاب جي گورنر سان ٽيليفون تي رابطا ڪيا آهن. پنجاب جي وڏي وزير خلاف بي اعتمادي رٽ جي حوالي سان وفاق ۾ حڪمران اتحاد جا صلاح مشورا جاري آهن ۽ ان حوالي سان وزيراعظم شهباز شريف آصف زرداري، (ق) ليگ جي سربراهه چوڌري شجاعت ۽ پنجاب جي گورنر بليغ الرحمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

# پنجاب ۾ نئون آئيني بحران پيدا ٿيڻ جو خدشو

گورنر جا حڪم آئين جي ابتڙ آهن، ايوان جو اجلاس 23 آڪٽوبر 2022 کان جاري آهي

گورنر جي هدايت تحت وڏي وزير اعتماد جو ووٽ نه ورتو ته وڏ وزارت وارو عهدو خالي ٿي ويندو

لاهور (م د) پنجاب ۾ نئون آئيني بحران پيدا ٿيڻ جو خدشو، گورنر پنجاب ۽ پنجاب اسيمبلي جو اسپيڪر آمهون سامهون اچي ويا آهن اسپيڪر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

لاهور: پنجاب حڪومت جي ترجمان مسرت جمشيد چيمه پريس ڪانفرنس ڪندي

## ڊالر اڃ به مهانگو ٿي ويو، اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ مثبت رجحان

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) آمريڪي ڊالر جي مقابلي ۾ پاڪستاني رپيو ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهيو آهي، اڄ صبح ڪاروبار جي شروعات تي ڊالر به مهانگو ٿي ويو آهي. انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 13 پئسا مهانگو ٿيڻ بعد 225 رپيا 25 پئسا ٿي ويو آهي. ڪالهه انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 224 رپيا 12 پئسا تي بند ٿيو هئي طرف پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

# افغانستان ۾ طالبان عورتن جي اعليٰ تعليم تي پابندي هٽي ڇڏي

اعليٰ تعليم بابت وزارت عورتن جي اعليٰ تعليم جي معطلي جو حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو آهي

ايندڙ حڪم تائين سڀني نجي ۽ سرڪاري يونيورسٽين ڪي عورتن جي تعليم معطل ڪرڻ جو چيو ويو

ڪابل (م د) افغانستان ۾ طالبان حڪومت عورتن جي اعليٰ تعليم تي پابندي هٽي ڇڏي، پرڏيهي ميڊيا موجب افغانستان جي اعليٰ تعليم بابت وزارت عورتن جي اعليٰ تعليم جي معطلي جو حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو آهي، جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

# پنجاب جي سياست ۾ ترٿلو، حمزا شهباز کي 48 ڪلاڪن ۾ ڏيهه واپس اچڻ جي هدايت

ن ليگ جي قيادت پاران پنجاب جي اڳواٽي وڏي وزير حمزا شهباز کي ايندڙ 48 ڪلاڪن ۾ پاڪستان پهچڻ جي هدايت ڪئي وئي

اپوزيشن ليڊر صوبائي هن وقت پرڏيهه ويل آهي، ڪيس پنجاب جي وڏ وزارت ڏيڻ لاءِ فوري طور وطن پهچڻ جو چيو ويو آهي: ذريعا

لاهور (م د) پاڪستان مسلم ليگ نون جي قيادت پنجاب اسيمبلي جي مخالف ڌر اڳواڻ حمزا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

# نئون نوٽيفڪيشن اچي ويندو، پرويز الاهي اڄ وڏو وزير نه هوندو: راڻا ثناءُالله

پنجاب جي گورنر جي نئين نوٽيفڪيشن ڪانپوءِ چوڌري پرويز الاهي اڄ وڏو وزير نه هوندو، پنجاب جو گورنر 4 وڳي ڪانپوءِ نئون نوٽيفڪيشن جاري ڪندو

پرويز الاهي هاڻي وڏو وزير نه رهندو، چيئرمين جي مبينا آڊيو بابت سوال تي، پي ٽي آءِ عمران خان جي آڊيو حقيقت آهي، عمران خان جي وڊيو به موجود آهي

لاهور (م د) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله جو چوڻ آهي ته پنجاب جي گورنر جي نئين نوٽيفڪيشن ڪانپوءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

لاهور: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

## شاگردن تي دهشتگردي جا ڪيس ڇو؟: پوليس کان رپورٽ طلب

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ ۾ سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين تي دهشتگردي جا ڪيس داخل ڪرڻ واري معاملي جي ٻڌڻي ٿي، سنڌ هاءِ ڪورٽ پوليس کي 2 هفتن دوران جاچ مڪمل ڪري تفصيلي رپورٽ فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

# ڪيٽين ٽي روڊن ۽ سنڌن لاڳاپيل انفراسٽرڪچر کي سخت نقصان پهچڻ سان گڏوگڏ پيا رستا متاثر ٿيا آهن: وڏو وزير

مرمت ۽ بحالي جي ضرورت آهي، ورڪس اينڊ سروسز کاتي هيستائين روڊن ۽ ٻين انفراسٽرڪچر جي نقصان جو ضلعي سطح تي سروي ڪندي ڪاٿو تيار ڪيو آهي

صوبائي حڪومت جي دائري هيٺ روڊ سيڪٽر جون 801 اسڪيمون متاثر ٿيون آهن جنهن جي اٽڪل ڊيگهه 8620 ڪلوميٽر آهي: سيد مراد علي شاهه

ايشيائي ترقياتي بئنڪ (ADB) نقصان واري ڪاٿي جي ڊيٽا تصديق لاءِ صلاحڪار پڻ مقرر ڪيو آهي: چيف سيڪريٽري جي وڏي وزير کي بريفنگ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه برسات ۽ ٻوڏ سبب تباهه ٿيل روڊن جي بحاليءَ بابت جائزي وٺڻ لاءِ اجلاس جي صدارت ڪندي ڊونر ايجنسين جي سهڪار سان 8620 ڪلوميٽر صوبائي روڊن جي بحاليءَ تي 66 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف سان آسٽريليا جو سفير ملاقات ڪندي

# پي ٽي آءِ عورت اسيمبلي ميمبرن وفاداري تبديل ڪرڻ عيوض پئسن جي آڇ جو الزام لڳائي ڇڏيو

تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان سان عورت اسيمبلي ميمبرن ملاقات ڪئي

اوهان کي ڌوڪي ۾ رکيو پيو وڃي پر ان باوجود پي ٽي آءِ انهن سان اتحاد ڪري رهي آهي

لاهور (م د) تحريڪ انصاف جي عورت اسيمبلي ميمبرن الزام لڳايو آهي ته اسان کي پارٽي تبديل ڪرڻ لاءِ لالچ ڏني پئي وڃي ۽ اهو به چيو پيو وڃي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

# جمعي تي اسيمبليون ٽٽي وينديون، خبرپئجي ويندي: شيخ رشيد

حڪمرانن 27 ڪلوميٽر جي بجلي بچائڻ لاءِ ملڪ کي داءَ تي لڳايو، جمعي تي اسيمبليون ٽوڙي وينديون، فدا، 72 ڪلاڪ اهم آهن

27 ڪلوميٽر بجلي بچائڻ لاءِ ملڪ کي داءَ تي لڳائي ڇڏيو آهي، 75 سالن ۾ ڪو به جوش ناهي: عوامي مسلم ليگ جو سربراهه

پ پ زميني حقيقتن کان بي خبر آهي، ڪڻڪ، گيس، بجلي مهانگي ۽ مهانگي آهي، ڪڻڪ 4100 مڻ کان مٿي ٿي وئي آهي

راولپنڊي (م د) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد چيو آهي ته حڪمرانن 27 ڪلوميٽر جي بجلي بچائڻ لاءِ ملڪ کي داءَ تي لڳايو، خبر پئجي ويندي ته جمعي تي اسيمبليون ٽوڙي وينديون، فدا، 72 ڪلاڪ اهم آهن. شيخ رشيد لکيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: وفاقي وزير اسحاق ڊار اجلاس جي صدارت ڪندي

## سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه سنڌ ۾ ضرورت موجب ڪڻڪ خريد ڪرڻ جي منظوري ڏيئي ڇڏي

ڪراچي (م د) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه سنڌ ۾ ضرورت مطابق ڪڻڪ خريد ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. وڏي وزير مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ڪڻڪ جي ذخيرن جي صورتحال بابت اجلاس ٿيو خوراڪ واري وزير مڪيش ڪمار بريفنگ ڏيندي چيو ته سنڌ ۾ 11 لک ٽن ڪڻڪ جو ذخيرو موجود هو هيل تائين 7 لک 21 هزار ٽن ڪڻڪ ورهائجي چڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

# پنجاب جو چيف سيڪريٽري بدلي، آءِ جي به عهدو ڇڏي ڏنو

عبدالله خان سنبل جو تعلق پاڪستان ايڊمنسٽريٽو سروس جي 23هين ڪامن سان آهي

ٻئي طرف آءِ جي پنجاب فيصل شهڪار پنهنجي عهدي جي چارج ڇڏي ڏني آهي

لاهور (م د) وفاقي سرڪار پنجاب جي چيف سيڪريٽري ڪامران علي افضل کي بدلي ڪري ڇڏيو جڏهن ته آءِ جي پوليس به پنهنجو عهدو ڇڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

# ڇا سنڌ پاڪستان ۾ ناهي جو حيدرآباد ڪراچي موٽروي ٻين موٽرويز جيان ناهي؟ سنڌ هاءِ ڪورٽ

ٻڌڻي دوران عدالتي حڪم تي جنرل مينيجر نيشنل هاءِ وي پاڪستان ۽ نيشنل هاءِ وي فوڪل پرسن سنڌ، موٽروي پوليس جا عملدار ۽ ٻيا عملدار پيش ٿيا

نيشنل هاءِ وي جو مطلب ڇا آهي ۽ ڇا اهي نيشنل هاءِ وي وارين سڀ سهولتون سنڌ خاص طور تي سکر کان ڪراچي تائين فراهم ڪيون ويون آهن

ڇا هتي نيشنل هاءِ وي تي اهي سهولتون موجود آهن، لاهور کان اسلام آباد موٽروي الڳ ناهيو ريو آهي پر سنڌ ۾ حيدرآباد کان ڪراچي موٽروي روڊ سان گڏ ڪيو ويو

سکر (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ بينچ سکر ۾ نيشنل هاءِ وي سکر کان حيدرآباد تائين خراب حالت هجڻ خلاف داخل پٽيشن جي ٻڌڻي جسٽس ظفر احمد راجپوت ۽ جسٽس خادم حسين تنيو جي عدالت ۾ ٿي ٻڌڻي دوران عدالتي حڪم تي جنرل مينيجر نيشنل هاءِ وي پاڪستان ۽ نيشنل هاءِ وي فوڪل پرسن سنڌ، موٽروي پوليس جا عملدار ۽ ٻيا عملدار پيش ٿيا. ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

# تڪراري ٽوئيٽ ڪيس: سينيٽر اعظم سواتي جي ضمانت واري درخواست رد

ٻڌڻي دوران پراسيڪيوٽر رضوان عباسي دليلن ۾ ٽوئٽر تي اڪائونٽ ويريفڪيشن جو طريقو ٻڌايو

اعظم سواتي جي اڪائونٽ تي بليو ٽڪ آهي ۽ ڪيس مشهور شخصيتن فالو ڪيو آهي

اسلام آباد (م د) اسپيشل جج سينٽرل تڪراري ٽوئيٽ ڪيس ۾ نامزد سينيٽر اعظم سواتي جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي. اسپيشل جج سينٽرل اعظم خان تڪراري ٽوئيٽ ڪيس جو محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي جنهن ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ سينيٽر اعظم سواتي جي ضمانت واري درخواست رد ڪئي وئي آهي. عدالتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

# 5 جي کي ڪاروبار دوست بڻائڻ لاءِ ڪوششون جاري آهي: امين الحق

5 جي کي ڪاروبار دوست بڻائڻ لاءِ حڪومتي سطح تي هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن، 5 جي جي شروعاتي ٽرائل ڪوريج وڏن شهرن جي مخصوص پوائنٽس تي شروع ڪئي ويندي

پهرين ترجيح 4 جي ٽيڪنالاجي جو دائرو سڄي ملڪ ۾ وڌائڻ آهي، ٽيڪنالاجي جو مستقبل 5 جي ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائڻ سان مشروط آهي

آءِ ٽي واري وزارت سمورين موبائل ڪمپنين کي هر ممڪن سهڪار فراهم ڪري رهي آهي، ٽيلي ڪام ڪمپنيون پاڪستان ۾ جديد ٽيڪنالاجي آڻڻ لاءِ ڪردار ادا ڪن

اسلام آباد (م د) وفاقي وزير امين الحق جو چوڻ آهي ته 5 جي کي ڪاروبار دوست بڻائڻ لاءِ حڪومتي سطح تي هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن، 5 جي جي شروعاتي ٽرائل ڪوريج وڏن شهرن جي مخصوص پوائنٽس تي شروع ڪئي ويندي. اتصالات انٽرنيشنل جي چيف ايگزيڪيوٽو امين الحق جي اڳواڻي ۾ وفد ملاقات ڪئي. ان موقعي تي امين الحق چيو ته پهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

# زرداري، نواز ۽ گيلاني خلاف توشه خانو ريفرنس نيب کي واپس

اسلام آباد جي احتساب عدالت جي ايڊمنسٽريٽر جج آصف زرداري، يوسف رضا گيلاني ۽ نواز شريف خلاف توشه خاني ريفرنس واپس موڪلي ڇڏيو

احتساب عدالت جي انتظامي جج محمد بشير ريفرنس واپس نيب ڏانهن موڪلي ڇڏيو، ان ريفرنس ۾ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف کي اشتهاري قرار ڏنو ويو آهي

ريفرنس جي شريڪ جوابدارن نيب ترميمي آرڊيننس تحت ريفرنس ختم ڪرڻ جي درخواست داخل ڪئي هئي، آصف زرداري ۽ يوسف رضا گيلاني به ترميمي آرڊيننس تحت درخواست داخل ڪئي هئي

اسلام آباد (م د) اسلام آباد جي احتساب عدالت جي ايڊمنسٽريٽر جج آصف زرداري، يوسف رضا گيلاني ۽ نواز شريف خلاف توشه خاني ريفرنس واپس موڪلي ڇڏيو احتساب عدالت جي انتظامي جج محمد بشير ريفرنس واپس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

لاهور: مسلم ليگ ن جو اڳواڻ خليل طاهر سنڌهو پنجاب اسيمبليءَ ٻاهران پريس ڪانفرنس ڪندي

# اسلام آباد ۾ ٽارگيٽيڊ آپريشن جاري آهي: بابر اعوان

اسلام آباد ۾ خوفناڪ صورتحال پيدا ٿي وئي آهي، امن امان جي صورتحال خراب ٿي وئي آهي

آمريڪا جي افغانستان مان نڪرڻ ڪانپوءِ عمران خان افغانين جون دليون کٽي ورتيون: پي ٽي آءِ اڳواڻ

حڪومت هڪ پاسي آهي ته عمران کي ڪيئن هٽايو وڃي ٻئي اسيمبليون ٽوڙيو نه، حڪمران هاڻي عوام کان ڊڄن پيا

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ بابر اعوان جو چوڻ آهي ته اسلام آباد ۾ ٽارگيٽيڊ آپريشن شروع ٿيو جيڪو اڃا تائين جاري آهي، ميڊيا سان ڳالهائيندي پي ٽي آءِ اڳواڻ بابر اعوان چيو ته اسلام آباد ۾ خوفناڪ صورتحال پيدا ٿي وئي آهي، سندن چوڻ آهي ته امن امان جي صورتحال خراب ٿي وئي آهي، بجاءِ وارو وزير طنزيه بيان ڏئي ٿو بابر اعوان چيو ته آمريڪا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

# سنڌ حڪومت رياستي دهشتگردي جي ماسٽر آهي: علي زيدي

سنڌ حڪومت رياستي دهشتگردي جي مالڪ آهي، اليڪشن کان 20 ڏينهن اڳ سياسي ماڻهن کي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو

سنڌ جي چيف سيڪريٽري ۽ صوبائي اليڪشن ڪميشن کي خط لکيو ويو آهي، هڪ پارٽي جي اونداهين ۾ منتظمين کي لڳايو پيو وڃي

ڪارڪن ڀڙندا هئا، هاڻي منتظمين به سرگرم آهن، 18 گريڊ جا ملازم عوامي سياست ۾ ڪيئن سرگرم آهن: پي ٽي آءِ اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ علي زيدي چيو آهي ته سنڌ حڪومت رياستي دهشتگردي جي مالڪ آهي، اليڪشن کان 20 ڏينهن اڳ سياسي ماڻهن کي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو ڪراچي ۾ ميڊيا سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: پاڪستان تحريڪ انصاف جو اڳواڻ علي زيدي پريس ڪانفرنس ڪندي

## ڪروڙ پتي عورت جيون ساٿي جي ڳولا لاءِ انوکو طريقو ڳولي ورتو

ماسڪو (م د) روس جي ڪروڙ پتي عورت مايه مولونوا رشتي لاءِ بل بورڊ تي اشتهار لڳائي ڇڏيو پرڏيهي خابرو اداري موجب روس طرفان يوڪرين تي حملن سبب روس ڪيئي ڊيٽنگ ايپ غيرفعال آهن، پابندين کي ڌيان ۾ رکندي روس جي 26 سالا ڪروڙ پتي بزنس وومين بل بورڊ تي اشتهار لڳائي ڇڏيو آهي. ان اشتهار تي جڏهه ورلڊ ٽور تي نڪتل يوڪرين جي 26 سالا بزنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

# ڪراچي: فراڊ ۽ مني لانڊرنگ جي جوابدار کي 67 سال قيد جي سزا

اسپيشل بئنڪنگ ڪورٽ لکين رپين جي فراڊ ۽ مني لانڊرنگ ۾ ملوث ٽن جوابدارن کي سزا ٻڌائي

جوابدار موهن لعل کي ٽن ڪيسن ۾ مجموعي طور تي 67 سال قيد ۽ ٻه ڪروڙ رپيا ڏنڊ جي سزا ڏني

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي اسپيشل بئنڪنگ ڪورٽ فراڊ ۽ مني لانڊرنگ جي جوابدار کي 67 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي. اسپيشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

# حڪومت جو انوکو قدم، ڪراچي واسين لاءِ بجلي مهانگي ڪرڻ جي درخواست

ڪي اليڪٽرڪ جي واهپيدارن لاءِ بجلي جي اگهن ۾ ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ لاءِ درخواست جمع ڪرائي وئي آهي

حڪومت چاهي ٿي ته ڇهن مهينن لاءِ ڪي اليڪٽرڪ جي واهپيدارن لاءِ بجلي مهانگي ڪئي وڃي: نيپرا اختيارين

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي حڪومت ڪي اليڪٽرڪ جي واهپيدارن لاءِ بجلي جي قيمتن ۾ اضافي لاءِ نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

## (ن) ليگ اسلام آباد جون مڪاني چونڊون روڪرائڻ لاءِ درخواست داخل ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م د) مسلم ليگ (ن) 31 ڊسمبر تي وفاقي گادي واري شهر ۾ ٿيندڙ مڪاني چونڊون روڪرائڻ جي درخواست داخل ڪري ڇڏي. مڪاني چونڊن جي لاءِ مسلم ليگ (ن) جي چيئرمين جي اميدوار شهزاد اورنگزيب طرفان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي آهي. درخواست جي موقف ۾ چيو ويو آهي ته وفاقي حڪومت طرفان يونين ڪائونسلز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسلام آباد: پاڪستان تحريڪ انصاف جو اڳواڻ بابر اعوان پريس ڪانفرنس ڪندي

## بدين شهر جي سٺ سالا پراڻي ڳوٺ حاجي حسين سومرو جي رهواسين جو احتجاج

ابوبڪر سومرو، محمد اسماعيل سومرو احمد سليمان سومرو، محمود سومرو احتجاج ڪيو

بااثر ڳوٺ جي مختص زمين تي قبضو ڪري وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن: مظاهرين

اسان زمينن تي غيرقانوني قبضي ۽ وڪرو ڪرڻ خلاف ايس ايس پي آفيس ۾ لکت ۾ شڪايت پڻ ڪئي آهي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر جي هڪ سٺ سالا پراڻي ڳوٺ حاجي حسين سومرو جي رهواسين ڳوٺ جي زمين تي قبضو ڪري وڪرو ڪندڙ بااثرن خلاف ڪاروائي جو مطالبو بدين شهر جي پراڻي سول اسپتال جي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

**غوٿبوڙ: بيڙي اونڌي ٿيڻ سبب هڪ عورت سميت 2 ڄڻا فوت**

غوٿبوڙ (عبدالنبي ملڪ) غوٿبوڙ پرسان ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

بدين: ڳوٺ حاجي حسين سومرو جا رهواسي بااثرن پاران زمين تي قبضو ڪرڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

## اقليت ڪڏهن مذهب ڪري فرقو ناهي اسان صوفي خيال جا ماڻهو آهيون: عبدالواحد سميجو

تاريخ پنج هزار سال پراڻي آهي اصل سنڌ جا وارث توهان آهيو توهان پيار محبت ۽ عزت ڏيندڙ ماڻهو آهيو

عبدالواحد سميجو پيپل مارواڙي پنچائت جي مکي ۽ صلاحڪارن کي پنهنجي عهدن جو قسم کڻايو

ڏهرڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

## ناروشاهه پرسان ڳوٺ سونهري واسي نابينن جو واهه نه ٺهڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

غلام سرور سولنگي نديم سولنگي پنهنجن معصوم نياڻين سان گڏ احتجاج ڪيو

برساتن سبب اسانجا گهر ۽ فصل لڙهي ويا جنهن سبب فاقاڪشي ڪٽي رهيا آهيون: الزام

گهر ٺهرائي ڏنو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ ٻچن سميت مرڻ گهٽ تائين احتجاج ڪنداسين: ڳالهيون

ناروشاهه (رپورٽ: ...) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

**جان محمد سوساٽي وهجو**

**گورنمنٽ هاءِ اسڪول قاضي**

**بادل ۽ ٽيسٽ جو نتيجو پڌرو**

... ورهايا ويا هن پروگرام ۾ شاگردن جي والدين پڻ شرڪت ڪئي پوزيشن ماڻيندڙ شاگرد وقار علي، عامر علي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ناروشاهه: نابينن جو واهه نه ٺهڻ خلاف ٻارڙا احتجاج ڪري رهيا آهن

## آدم ۽ گهر شماري قومي فريضو آهي جنهن جو مقصد عوام کي آگاهي فراهم ڪرڻ آهي: عبدالعليم لاشاري

سهولتن ۽ آبادي بابت عوام کي آگاهي فراهم ڪرڻ آهي جنهن کي ڪامياب بنائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن

سمورا ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪميٽي ميمبر پنهنجون ذميواريون ايمانداري سان سرانجام ڏئي قومي فريضو ادا ڪن

سول انتظاميه جي مدد ۽ سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ لاءِ پوليس سان گڏ پاڪ فوج جا جوان پڻ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندا

نواب شاهه (رپورٽ اي ڪي ڏاهري) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن عبدالعليم لاشاري چيو آهي ته آدم ۽ گهر شماري قومي فريضو آهي جنهن جو مقصد موجود وسيلن، سهولتن ۽ آبادي بابت عوام کي آگاهي فراهم ڪرڻ آهي جنهن کي ڪامياب بنائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪمشنر آفيس جي ڪميٽي روم ۾ سڏايل ڊجيٽل آدم ۽ گهر شماري جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

## خانواهڻ پرسان گورمينٽ پرائمري اسڪول غلام مرتضيٰ پيٽي جي استادن پاران احتجاج

هيڊماستر استاد محمد سليم تنيو استاد غلام مصطفيٰ سيال ۽ ٻين پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪيو

بااثر ڀوڳناٿو علي حسن پيٽي ۽ سنڌس پٽ ۽ ٻيا اسان کي حراسا ڪري ۽ اسڪول ڇڏڻ لاءِ چون پيا: مظاهرين

علي حسن پيٽي اسان استادن مٿان ڊيوٽي نه ڪرڻ جا بي بنياد ۽ غلط انظام لڳائي رهيو آهي: ڳالهيون

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) خانواهڻ پرسان گورمينٽ پرائمري اسڪول غلام مرتضيٰ پيٽي جي استادن هيڊماستر استاد محمد سليم تنيو استاد غلام مصطفيٰ سيال ۽ ٻين پريس ڪلب خانواهڻ پهچي ۽ ميڊيا اڳيان داهيندي چيو ته/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

خانواهڻ: گورمينٽ اسڪول غلام مرتضيٰ پيٽي جا استاد بااثر ڀوڳناٿي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

**سڪرنڊ پرسان ڳوٺ مراد ڪيريو**

**جي رهواسي جمن لغاري پاران**

**وارثن خلاف احتجاج**

سڪرنڊ (رپورٽر) سڪرنڊ پرسان ڳوٺ مراد ڪيريو جي رهواسي جمن لغاري سنڌس گهرواري مسمات مريم ۽ ننهن ريشمان لغاري سان گڏ سڪرنڊ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته محرم مهيني جي پهرين تاريخ تي رحم علي سنڌس پٽ واليڏنو ۽ سائيڏنو لغاري سڳاوٽي تڪرار سبب رات جي وقت اسان جي گهر ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

## شڪارپور اي ايس پي سٽي جي اڳواڻي ۾ پوليس مقابلي ڪان پوءِ جوابدار گرفتار

2 ڄڻا قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار زخمي حالت ۾ چئن سائين سميت گرفتار هٿيار هٿ

پوليس طرفان ڏوهن ۽ ڏوهارين خلاف تيزي سان گهيرو تنگ ٿيڻ وارو سلسلو بدستور جاري آهي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) اي ايس پي سٽي جي اڳواڻي ۾ پوليس مقابلي ڪان پوءِ موٽرسائيڪل ڦر مزاحمت تي 2 ڄڻا قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار زخمي حالت ۾ چئن سائين سميت گرفتار هٿيار هٿ ايس ايس پي شڪارپور رٽائرڊ ڪيپٽن فيضان علي پاران ڏنل سخت هدايتن جي نتيجي ۾ شڪارپور پوليس طرفان ڏوهن ۽ ڏوهارين خلاف تيزي سان گهيرو تنگ ٿيڻ وارو سلسلو بدستور جاري آهي ان حوالي سان ماڙي ٿاڻي جي حد شير ڪوٽ لنڪ روڊ تي اي ايس پي سٽي سيد فاضل شاهه بخاري، انسپيڪٽر امتياز علي کهاوڙ، ايس ايڇ او ماڙي خميسر خان بروهي جي اڳواڻي ۾ نيوفرجداري ۽ لکي در ۾ پوليس مقابلي ڪان پوءِ موٽر سائيڪل ڦر مزاحمت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

## قائدآباد ٽريفڪ پوليس غيرقانوني موٽر سائيڪل پارڪنگ تي رشوت مقرر ڪري ڇڏي

پنج هزار رپين عيوض روڊ ۽ فٽ پاٿ تي سوين غيرقانوني لنڊي جا ريڙها ۽ اسٽال لڳرائي ڇڏيا

ايس ايس پي ٽريفڪ ايس او قائد آباد ۽ وڏو منشي شهرين جي حفاظت لاءِ نه بلڪ ڏوڪڙ ڪمائڻ ۾ مصروف

ملير ۾ قائد آباد جا مک روڊ ۽ فٽ پاٿ قبضا مافيا حوالي ايندڙ ويندڙ گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳل اهن

ڪراچي (رپورٽر) قائدآباد ٽريفڪ پوليس غيرقانوني موٽر سائيڪل پارڪنگ ۽ رڪشن جي اڏن ڪانپوءِ پنج هزار رپين عيوض روڊ ۽ فٽ پاٿ تي سوين غيرقانوني لنڊي جا ريڙها ۽ اسٽال لڳرائي ڇڏيا. روڊ تي غيرقانوني اسٽالن سبب متن جو سفر گهٽڻ ۾ ڪرڻ تي مجبور آهيون ايس ايس پي ٽريفڪ ايس او قائد آباد ۽ وڏو منشي شهرين جي حفاظت لاءِ نه بلڪ ڏوڪڙ ڪمائڻ ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪراچي: قائد آباد ٽريفڪ پوليس جي نااهلي سبب شهر ۾ ٽرئفڪ جام ٿي ريو

**نيب چيئرمين ڪي شوڪاز نوٽيس**

**وارو معاملو: ڪرپشن ريفرنس جي**

**ٻڌڻي ٿي گذري**

سکر (رپورٽر) نيب چيئرمين ڪي شوڪاز نوٽيس وارو معاملو خوراڪ کاتي گهوٽڪي ۾ 2 ڪروڙ ڪٽڪ ڪرپشن ريفرنس جي ٻڌڻي احتساب عدالت سکر ۾ ٿي نيب عدالت سکر جي جج فريد انور قاضي ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻي دوران عدالت ريمارڪس ڏنا ته سپليمينٽري ريفرنس داخل نه ڪرايو ويندو ضمني ريفرنس ئي فائنل ريفرنس آهي وڪيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

## ڏهرڪي گٽر اڻلي پيا انتظاميه کي ڪو خيال نه آيو، ڊرينيج جو گندي پاڻي گهرن ۾ داخل

رستن تان گذرڻ محال ٿي ويو، ڪالوني واسي گهرن تائين محدود، انتظاميه ڏانهن واجهائڻ لڳا

چونڊيل ڪائونسلر ۽ ٽائون انتظاميه اگهور ننڊ ستل، مسلمانن جو نماز لاءِ مسجد وڃڻ مشڪل بڻجي ويو

ڏهرڪي ٽائون انتظاميه توڙي وارڊ نمبر هڪ جو ڪائونسلر مکي ماڻڪ رام اگهور ننڊ ستل آهن: علائقي واسي

ڏهرڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) ڏهرڪي گٽر اڻلي پيا انتظاميه کي ڪو خيال نه آيو، ڊرينيج جو گندي پاڻي مصطفيٰ آباد ڪالوني واسين لاءِ آزار بڻجي ويو، رستن تان گذرڻ محال ٿي ويو، ڪالوني واسي گهرن تائين محدود، انتظاميه ڏانهن واجهائڻ لڳا، چونڊيل ڪائونسلر ۽ ٽائون انتظاميه اگهور ننڊ ستل، مسلمانن جو نماز لاءِ مسجد وڃڻ مشڪل بڻجي ويو، ڪالوني واسين جون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

## تحفظ ماحوليات کاتي شهيد بينظيرآباد جي ريجنل انچارج پاران ٻن جو ڊررو

ٻن جو ارڃتو ڊررو عوامي شڪايتن تي ماحول دشمن پارڻ جو استعمال بند ڪرايو ويو

ريجنل انچارج پاران مالڪن کي ڊي جي تحفظ ماحوليات جي اڳيان پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو

نواب شاهه (رپورٽ اي ڪي ڏاهري) تحفظ ماحوليات کاتي شهيد بينظيرآباد جي ريجنل انچارج ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

## ٺٽون ديرو لڳي ڳڙهي خدا بخش پٺورو ڏي ڳوٺ ڏڙو جو رهواسي زخمي حالت ۾ هٿ

موٽر سائيڪل سوار ڳوٺ ڏڙو جو رهواسي علي رضا سپڙيو زخمي حالت ۾ پيل هيو

پيپلز پارٽي لاڙڪانو جي جنرل سيڪريٽري اعجاز احمد لغاري طبي امداد لاءِ ٺٽون ديرو اسپتال پهچايو

ٺٽون ديرو (رپورٽ: شاهد محمود پنهور) ٺٽون ديرو ... احمد لغاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٺٽون ديرو: ڳوٺ ڏڙو جو رهواسي زخمي حالت ۾ هٿ ڪيل نوجوان جو علاج ڪيو پيو وڃي

## ڳڏاپ جي علائقي سولنگي اسٽاپ جوڳي ڳوٺ ۾ اعجاز فاروق سان تعزيت هلندڙ

پريس ڪلب جي سٽ ۽ صوبائي وزير ساجد جوکيو سماجي اڳواڻ سان تعزيت ڪئي

اعجاز فاروق خاصخيلي جي چاچي جي وفات تي سنڌس ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون

ڪراچي (رپورٽ) ڳڏاپ جي علائقي سولنگي اسٽاپ جوڳي ڳوٺ ۾ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

## ڪراچي ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي اوير رحمت شيخ جي بدلي بعد نئون عملدار مقرر

سيد شڪيل احمد چارج سنڀالي ورتي لاڪاپابل آفيسرن ۽ عملي سان تعارفي گڏجاڻي ڪئي

هر ڪانو پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٽيم ورڪ ذريعي اوير ضلعي جا مسئلا حل ڪيا ويندا: شڪيل احمد

ڪراچي (رپورٽ) ڪراچي ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي اوير رحمت شيخ جي بدلي بعد ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

## مشهور شاعر ٽن ڪتابن جي خالق اشرف علي اشرف جي ٻن ڪتابن جي مهورت

محبت جاوداني هي جو مهورتي تقريب جو پروگرام زينب شادي هال ۾ ٿي گذريو

حوصلو بلند ڪري ڇڙهيو ڪتابن جا جاهيندڙ جديد دور ۾ موجود آهن: اشرف علي اشرف

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ... محبت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهرو فيروز: مشهور شاعر ٽن ڪتابن جي خالق اشرف علي اشرف جي ٻن ڪتابن جي مهورتي تقريب

## دادو انٽرنيشنل الخير فائونڊيشن جي چيئرمين پاران ٻي پهچ 500 ماڻهن ۾ سامان تقسيم

قاضي وسيم قريشي، رانا فيصل حنيف، فيصل عرفان ۽ فياض حسين چانڊيو سامان ورهايو

سياري جي موسم حوالي سان وينٽرپيڪ گرم سوئيٽر ۽ ڪمبل غريبن ۾ تقسيم ڪيا ويا

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو انٽرنيشنل الخير فائونڊيشن جي چيئرمين امام قاسم رشيد جي هدايتن تي پراجيڪٽ مئنيجر قاضي وسيم قريشي، رانا فيصل حنيف، فيصل عرفان ۽ فياض حسين چانڊيو، خادم حسين ٻپر، سيد عثمان شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

## انڊس پريس ڪلب ڪراچي جي ٽين سالگراهه ملهائي وئي، چونڊيل باڊي جو اعلان

تقريب ۾ صحافين سميت مختلف سياسي سماجي توڙي قومپرست اڳواڻن شرڪت ڪئي

انڊس پريس ڪلب ڪراچي کي ٽي سال مڪمل ٿيڻ تي ڪيڪ ڪٽيو ويو ساڃاهه وندن جي شرڪت

ڪراچي (رپورٽر) انڊس پريس ڪلب ڪراچي جي ٽين سالگراهه ملهائي وئي ۽ نئين چونڊيل باڊي جو اعلان ڪيو ويو سالگراهه تقريب ۾ صحافين سميت مختلف سياسي سماجي توڙي قومپرست اڳواڻن شرڪت ڪئي تفصيل موجب انڊس پريس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪراچي: انڊس پريس ڪلب جي ٽين سالگراهه ملهائي وئي بي پاسي مقرر خطاب ڪري رهيا آهن

## ڏهرڪي ۾ لنڊ گروپ جي سرواڻ خالد احمد لنڊ جي جنم ڏهاڙي تي تقريب

تقريب ڪوٺائي وئي، تقريب ۾ لنڊ گروپ جي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

لنڊ گروپ ڏهرڪي ترجمان ڊاڪٽر انعام لنڊ پاران ڪيڪ ڪٽڻ واري تقريب جو انعقاد ڪيو

ڏهرڪي (رپورٽ: لالچند موٽواڻي) ڏهرڪي ۾ لنڊ گروپ جي سرواڻ ٻ ب اير اين اي سردار خالد احمد لنڊ جي جنم ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب ڪوٺائي وئي، تقريب ۾ لنڊ گروپ جي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. سردار مير خالد احمد خان لنڊ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

## ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي رمضان شورو جو موبائيل سيٽ ٽڪري ويو

ٻنهي شاهينگن جا سي سي ٽي وي فوٽيج حاصل ڪرڻ باوجود جوابدار گرفتار نه ڪري سگهي

شاهينگ سنڌس کيسي مان 75 هزار روپين جو اوپو موبائيل سيٽ ڪڍي آساني سان فرار ٿي ويا

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي رمضان شورو جو ڪراچي ۾ 2 نامعلوم شاهينگ قيمتي موبائيل سيٽ سنڌس کيسي مان ڪڍي ويا . پريدي ٿاڻي جي پوليس صحافي جي ڏنل درخواست تي ٻنهي شاهينگن جا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

## ايس ايس پي نوشهرو فيروز عبدالقيوم پتافي جي حڪم تي ڪارروايون جاري

ايس ايڇ او نوشهرو فيروز سٽي قربان علي ڪلوڙ خفيه اطلاع ملڻ شرط ڪارروائي ڪئي

موٽرسائيڪلون چوري ڪندڙ ٽن جوابدارن محمد رضا ڪوسو، علي حسن ڪوسو گرفتار ڪيا ويا

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ايس ايس پي نوشهرو فيروز عبدالقيوم پتافي جي حڪم تي ايس ايڇ او نوشهرو فيروز سٽي قربان علي ڪلوڙ پاران خفيه اطلاع ملڻ شرط ڪارروائي ڪري ٽن جڻن کي گرفتار ڪري سندن وٽان شهر جي مختلف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نوشهرو فيروز: پوليس پاران مختلف ڪاروائين ۾ گرفتار ڪيل ڏهاري ۽ پاسي هٿ ڪيل موٽر سائيڪلون

## ٺٽون ديرو ۾ 3 ڏينهن اڳ زخمي ٿيل همراهه فوت، انڪ 2 ٽي وي، مظاهرو

معصوم ٻار فوت ڪان پوءِ سنڌس زخمي والد علي حسن ميراثي به وفات ڪري ويو

لاش رتوديرو ٺٽون ديرو لاڙڪاڻو روڊ تي رکي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

رتوديرو وچڙ وارا رستا بلاڪ ڪري پوليس خلاف سخت نعري بازي سان گڏ لاش رکي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا

ٺٽون ديرو (رپورٽ) ٺٽون ديرو ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

**ٺٽون ڪوٽ ۾ شهيد راڻي**

**محترمه بينظير ڀٽو ميموريل**

**ڪرڪيٽ ٽورناميٽ**

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽ) ٺٽون ڪوٽ ۾ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو ميموريل ڪرڪيٽ ٽورناميٽ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٺٽون ديرو: ٽي ڏينهن اڳ جهڳڙي ۾ موٽرسائيڪل ۽ ٽڪر جي نتيجي ۾ زخمي همراهه فوت ٿيڻ بعد وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

## مانجهند پرسان 3 ڏينهن اڳ گرم پاڻي ۾ ڪري زخمي ٿيل ٻارڙو فوت

علي نواز ڪنير جو پائيٽيو الهڏنو ڪنير ٺڪنڊڙ پاڻي ۾ ڪري زخمي ٿيو هو

ٻارڙي جي جنازي نماز لاڪا ۾ ادا ڪري مڙهه آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند پرسان 3 ڏينهن اڳ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

## بدين شهر جي واپاري مرڪز مهراڻ چوڪ ۾ گٽرن جو پاڻي روڊن تي اچڻ خلاف احتجاج

پاڻي روڊن تي اچڻ جي خلاف واپارين جو مهراڻ چوڪ ۾ ٽائرن کي باهيون ڏيئي مظاهرو

هر پاڙي گهٽي روڊ رستي تي ڪچري جا ڍير ۽ نالين جي گندي پاڻي ۾ بدل آهن: مظاهرين

شهرين کي بنيادي انساني حق ڏياري شهرين مان بي چيني کي ختم ڪيو وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر جي واپاري مرڪز مهراڻ چوڪ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

**دادو جي ايڇ بي ايل مائيڪرو فنانس**

**بينڪ انتظاميه پاران مينا پينشن**

**هولڊرز سان ناانصافيون وڌي ويون**

دادو (رپورٽ) ... رشوت ۽ رشوت نه ڏيڻ تي بار بار بينڪ جا چڪر ڪاٽڻ تي ڪلائنٽس کي مجبور ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي، پينشنر هڪ عورت جي پاءُ آصف علي لاکو چيو آهي ته منهنجي پيڻ پينشن هولڊر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

بدين: شهري گٽرن جو پاڻي روڊن تي اچڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

## پرياتعلقي تي گسٽا جي ٻن گروپن ۾ جون چونڊون، ڪٽيندڙن جو جشن

اعظم ڪلهوڙو جي نگراني ۾ پرياسٽي جي گورنمنٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ ٿيون

استاد محمد صوف لنجار پينل طرفان استاد منور جماڻي وچ ۾ تعلق صدرلاءِ مقابلو ٿيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پرياتعلقي تي گسٽا جي ٻن گروپن ۾ جون چونڊون الڪيشن چيئرمين عبدالرحيم گهانگهرو ۽ ميمبرن جميل احمد ڪيريو ۽ اعظم ڪلهوڙو جي نگراني ۾ پرياسٽي جي گورنمنٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ ٿيون اليڪشن ۾ ٻن پينلن الفتح پينل طرفان صدر لاءِ استاد منظور احمد رند ۽ استاد محمد صوف لنجار پينل طرفان استاد منور جماڻي وچ ۾ تعلق صدرلاءِ مقابلو ٿيو جنهن ۾ الفتح پينل جو استاد منظور احمد رند 61 ووٽ کڻي گسٽا تعلق پريا جو صدر طور ڪامياب ٿي ويو جڏهن ته استاد منور جماڻي 33 ووٽ کنيا تعلقي پريا جي مختلف اسڪولن ۾ رجسٽرڊ ووٽرن جو تعداد 97 آهي مجموعي طور تي الفتح پينل 61 ووٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

## بينظير ڀٽو جي ورسي جي حوالي سان لاکا هائوس ٽنڊو محمد خان تي عوامي ميڙاڪو

منعقد ڪيل عوامي ميڙاڪي ۾ پيپلز ليبر بيورو جي ورڪر پورهيتن شهرين شرڪت ڪئي

شهيد راڻي جي ورسي تي ٽنڊو محمد خان مان پورهيت تنظيم ڀرپور شرڪت ڪندي: خالد قمبراڻي

پورهيت مزدور متاثر ٿيل آهن سڄو ڏينهن محنت مزدوري ڪرڻ باوجود به جائز مزدوري نٿي ڏني وڃي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) پيپلز ليبر بيورو طرفان 27 ڊسمبر شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي جي حوالي سان لاکا هائوس ٽنڊو محمد خان تي عوامي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو ميڙاڪي ۾ وڏي انگ ۾ پيپلز ليبر بيورو جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

**ڪڪڙلڳ نامعلوم چورن پورهيت**

**جي گهر مان مال چوري ڪرڻ جي**

**ڪوشش. گهر ڌڻين مٿان فائرنگ**

ڪڪڙ (رپورٽر) ڪڪڙلڳ نامعلوم چورن پورهيت جي گهر مان مال چوري ڪرڻ جي ڪوشش گهر ڌڻي سڄاڳ ٿيڻ دوران چورن گهر ڌڻين مٿان فائرنگ پاڻي معجزاتي طور محفوظ جوابي فائرنگ دوران چور فرار پوليس ۽ بدامني خلاف ملاح ۽ شهرين طرفان انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو گاڏين جون قطارون لڳي ويون خبر موجب ڳوٺ پائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊو محمد خان: بينظير ڀٽو جي ورسي جي حوالي سان عوامي ميڙاڪو ٿي گذريو

## گمبٽ پرسان موڪب شهيد عارف حسيني پاران ڳوٺن ۾ راشن ٽينٽ ترپال تقسيم

حاجي مظهر علي ملاح جي نگراني ۾ پنجن ڪان مٿي ڳوٺن ۾ راشن ٽينٽ ورهايا ويا

وڏيرو نذير خان مشتاق شيخ محله ڳوٺ گل خان شنباڻي ۽ ٻين ڳوٺن جي متاثرن جي سهائتا

گمبٽ (رپورٽ عبدالحي شيخ) گمبٽ پرسان موڪب شهيد عارف حسيني پول نمبر 172 ۽ ٽير آف حاجي امياز حسين ملاح جي سهڪار سان ڏڪي انساٽذات جي خدمت ڪندڙ حاجي مظهر علي ملاح جي نگراني ۾ پنجن ڪان مٿي ڳوٺن ۾ راشن ٽينٽ ترپال ۽ ٻيو گهريلو سامان ورايو ويو خبر موجب گمبٽ پرسان موڪب شهيد عارف حسيني پول نمبر 172 ۽ ٽير آف حاجي امياز حسين ملاح جي سهڪار سان ڏڪي انساٽذات جي خدمت ڪندڙ حاجي مظهر علي ملاح جي نگراني ۾ پنجن ڪان مٿي ڳوٺن ديهه آغا هاشم شاهه ڳوٺ پنهل خان گوپانگ ڳوٺ وڏيرو نذير خان مشتاق شيخ محله ڳوٺ گل خان شنباڻي ۽ ٻين ڳوٺن جي برسات متاثرين ۾ سياري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

## گسٽا بدين جي اليڪشن تعليم دوست پينل اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي ورتي

اٽڪل ٽيهن سالن بعد گسٽا بدين جي چونڊ جي نگراني ۾ ٿي، ڪامياب ٿيلن جون جهمريون

ڪامياب اميدوارن الله والا چوڪ کان پريس ڪلب تائين دهلن شرنائن سان ريلي سان جهمريون هنيو

اسان انهن ووٽرن دوستن ۽ همدرن جا ٿورائتا آهيون جنهن اسان کي ووٽ ۽ سپورٽ فراهم ڪئي: اڳواڻ

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) گسٽا بدين جي اليڪشن تعليم دوست پينل اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي ورتي خوشي ۾ استادن جي ريلي ڊانس ۽ جهومريون تفصيل موجب اٽڪل ٽيهن سالن بعد گسٽا بدين جي چونڊ جي اليڪشن ڪميٽي جي چيئرمين عبدالرزاق سومرو جي نگراني ۾ ٿي جنهن ۾ ڪاشف قادر جو گروپ استاد پينل 64 ووٽ حاصل ڪري سمورن عهدن تي ڪاميابي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

بدين: گسٽا جي اليڪشن بعد اڳواڻ خوشي جو اظهار ڪندي

**پ ٽ الف سڪرنڊ ۽ گورنمينٽ**

**بوائز پرائمري اسڪول مين**

**سنڌي ۾ تقريب**

سڪرنڊ (رپورٽر) پ ٽ الف سڪرنڊ ۽ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول مين سنڌي اولڊ سڪرنڊ طرفان اسڪول ۾ مقرر ٿيل نون استادن کي آجياڻي ۽ رٽائرڊ ٿيل استادن کي الوداع چوڻ واري گڏيل تقريب اسڪول جي ڪانفرنس هال ۾ ٿي گذري، ان موقعي تي پ ٽ الف جي ڊويزنل صدر مير محمد رند، ٽي اي او سيد قربان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

## سنڌ جي ثقافت شاهوڪار آهي اسان کي پنهنجي ثقافت تي فخر آهي: ناهيد ابڙو

ڊولپمينٽ ايسوسيئشن سال 1991 کان وني عورتن جي ترقي ۽ ڀلائي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي

وومين ڊولپمينٽ ايسوئيشن ضلع ۾ سماجي ڀلائي خاص ڪري ٻوڏ متاثر علائقن ۾ ڪم ڪري رهي آهي

تقريب دوران شاگردن ۽ شاگرديائين طرفان سنڌي گيتن تي ٽيبلوز پيش ڪيا ويا، شاگردڻين ۾ انعام پڻ ورهايا ويا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سماجي تنظيم وومين ڊولپمينٽ ايسوسيئشن طرفا وومين هال ۾ سنڌ جي ثقافت جو ڏهاڙو ملهايو ويو ان موقعي تي خطاب ڪندي ناهيد ابڙو چيو ته سنڌ جي ثقافت شاهوڪار آهي اسان کي پنهنجي ثقافت تي فخر آهي هن وڌيڪ چيو ته وومين ڊولپمينٽ ايسوسيئشن سال 1991 کان وني عورتن جي ترقي ۽ ڀلائي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي خاص ڪري قدرتي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چنڊريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
# سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

خميس 22 ڊسمبر 2022ع

## رڌ پچاءَ جيتري بہ گئس ميسر ڇو ناهي؟

جيئن سيءُ وڌي ويا آهن تيئن سئي گئس جي لوڊشيڊنگ زور وٺي وئي آهي. اڳ ۾ ته ڪجهه ڪلاڪن جي لوڊشيڊنگ ٿيندي هئي پر هاڻي ته خبر ئي نه ٿي پوي ته ڪيڏي مهل گئس اچي ٿي ۽ ڪيڏي مهل اها غائب ٿي وڃي ٿي. پهرين اها حالت رڳو بجلي جي هوندي هئي هاڻي ته گئس جي به اها حالت آهي. گئس جي ان اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب ڪيترا مسئلا پيدا ڪيا آهن اتي وڏي ۾ وڏو مسئلو اسڪول ويندڙ ٻارڙن لاءِ آهي جيڪي صبح جو گئس نه هئڻ ڪري بنا نيرن جي اسڪول هليا وڃن ٿا ۽ سڄو ڏينهن بک تي گذارين ٿا.اها حالت رڳو ننڍين شهرن يا ڳوٺن جي ناهي ته اڳ ۾ ته ڳوٺن ۾ گئس اچڻ معجزو هوندو هو يا وري انهي پريشر ايترو گهٽ هوندو هو جو رڌپچاءَ ڪرڻ ممڪن نه هوندو هو پر هاڻي ته وڏن شهرن ۾ به اهڙي ئي حالت ٿي وئي آهي جو ماڻهو گئس سلينڊر رکڻ تي مجبور ٿيا آهن. عام ماڻهو ته اڳ ۾ ئي دانهون ڪندا پئي آيا ۽ احتجاج به ٿيندا شروع ٿيا هئا پر هاڻي ته ڳالهه وڃي عدالت تائين پهتي آهي پر حڪمران يا گئس انتظاميا جي ڪنن تي ڄڻ ته جونءِ به نه ٿي سري ۽ نه ئي مسئلي جو ڪو حل ڪڍائين ٿا انهي مسئلي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ سنجيده قدم کڻن. انهن وٽ اهي روايتي جواب آهن جيڪي اسان جي انتظاماڪاري جو حصو ٿي ويا آهن.

سنڌ هاءِ ڪورٽ تيل ۽ گئس گوليڊنڊ ڪمپنين ۽ مقامي ماڻهن کي روزگار نه ڏيڻ ۽ پيٽروليم ليوي فنڊن مان ترقياتي ڪم نه ڪرائڻ جي حوالي سان سنڌ حڪومت کان جواب طلب ڪري ورتو آهي. ٻه ڏينهن اڳ ٻڌڻي دوران جسٽس ڪي ڪي آغا سرڪاري وڪيل کان پڇائو ڪيو ته سنڌ سرڪار آئين جي آرٽيڪل 158 تي عملدرآمد بابت کهڙا قدم کڻي رهي آهي، گئس جي لوڊشيڊنگ بابت سنڌ جا ماڻهو پريشان آهن صبح جو ڪوپ چانهه جو ناهڻ لاءِ به گئس ناهي. گئس معاملي تي حڪومت ڪم ڇو نه پئي ڪري، ڇا سنڌ حڪومت کي عوام جي پرواهه ناهي. جنهن تي ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل چيو ته اسان لاءِ سنڌ جي عوام پهرين آهي سنڌ حڪومت گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ اهو معاملو رکي ڇڏيو آهي. ان کان وڏي بدقسمتي ۽ خراب انتظامڪاري ڪهڙي هوندي جو جيڪو صوبو سڀ کان وڌيڪ گئس پيدا ڪري رهيو آهي ان جو عوام پيو ته نهيو رڳو رڌپچاءَ جيتري گئس کان به محروم آهي.

اسان سمجهون ٿا ته جتان گئس ملي ٿي ان صوبي جي عوام جو ان تي پهريون حق آهي ۽ آئين به اهو حق ڏئي ٿو پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو سنڌ جي عوام کي ان حق کان محروم رکيو پيو وڃي، رڳو گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ وڃڻ ڪافي ناهي پر ان جي پوئيواري ڪري عوام کي اهو حق وٺي ڏيڻ به سنڌ حڪومت جي ذميواري آهي جنهن ڪري ئي سنڌ هاءِ ڪورٽ صوبائي حڪومت کان جواب گهريو آهي ته آئين جي آرٽيڪل 158 تي عملدرآمد لاءِ ڪهڙا قدم کنيا آهن؟

## منشيات، ڏوهن جي خاتمي لاءِ سهڪار جو طلب گار

سيد زوار حسين شاه

سنڌ جتي اڄ به امن امان جي صورت حال بهتر ته پيا ڏسئون . پر ڪيترن ئي ضلعن ۾ بهترين آفيسرن جي مقرري بعد امن امان به بهتر ٿيو آهي ته سماجي برائين جو به مڪمل خاتمي لاءِ ڪوشان آهيون بس عوام جي سهڪار جا طلب گار آهيون . سنڌ جي ٻين ضلع کان تمام گهڻو منفرد ۽ مختلف ضلع خيرپور پڪيڙ جي لحاظ کان ڪافي اهميت رکي ٿو جڏهن ته ان تعلقن تي مشتمل ضلع خيرپور ۾ سياسي شخصيتن جو پڻ تمام گهڻو اثر اسوڪ آهي جڏهن ته پير آف راڻيپور، پير پاڳاره سائين. جيلاني خاندان، وساڻ خاندان، ڀانيڻ . به وڏي اهميت رکن ٿا ، جن سدائين ضلع خيرپور تي پنهنجي حڪومت قائم رکي آهي . جڏهن ته ايم اينز جي لحاظ سان ميڊم ڊاڪٽر نفيسا شاه جيلاني . ايم اين اي پير سيد فضل علي شاه جيلاني . ايم ايم اي پير سيد جاويد علي شاه جيلاني . ايم پي ايز جي به ڪافي لسٽ آهي . ان سان گڏ جڏهن ته وڌيڪ آبادي هئڻ ڪري به امن امان قائم رکڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن آفيسرن کي تڪليف ٿئي ٿي پر هي واقعي خيرپور هڪ تاريخ رکندڙ ضلع آهي . اهڙن خيالن جو اظهار ضلعي خيرپور جي بيباڪ بهادر آفيسر ايس ايس پي خيرپور مير روحل خان ڪوسو صحافين ڪراچي پريس ڪلب جي راهب ڳاهو ،سٽي پريس ڪلب جي سيد زوار شاه انور ناريجو انساني تنظيم جي فقير محمد عباسي سان غير رسمي گفتگو ڪندي ٻڌايو ته شڪر الحمد الله مان منهنجي ٽيم . آئي ٽي ڊيپارٽمينٽ سميت هر شعبي سان تعلق رکندڙ بهترين سڀ تعاون ڪن پيا جڏهن ته هر هڪ پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم ڪري پيو هن وڌيڪ چيو ته هن وقت جديد دور آهي . سوشل ايڪٽويسٽ هر خبر تي ڪڙي نظر رکي رهيا آهن جتي به جيڪو به واقعو ٿئي ٿو سوشل ورڪر . ايڪٽيويسٽ فون ڪيو لائيو وٺن ٿا ۽ اسان سميت پاڪستان جي هر اداري کي فوري خبر پئجي وڃي ٿي . پوءِ جنهن سان مسئلودرپيش هوندو. ان حد جو آفيسر نوٽيس وٺي مسئلوحل ڪرائڻ شروع به ڪندو . جڏهن ته جنهن وٽ موبائل آهي اهو بهترين صحافي آهي هاڻ هر هڪ صحافي ٿي ويو آهي سٽي پريس ڪلب جي صحافين پاران پڇيل سوال ته 100 فيصد ضلع خيرپور ۾ امن امان ڪيئن قائم ٿيندو. جواب ڏيندي چيو ته جنهن جي دل ۾ خوف خدا هوندو . اهو ايمانداري سان ڪم ڪندو عوام مڪمل سهڪار ڪندو . جڏهن ته ٿاڻن تي بهترين فرض شناس آفيسر مقرر ڪيا وڃن ، جڏهن ته هن وقت جديد ٽيڪنالاجي ۽ فرض شناس آفيسرن جي همت جرئت دليري ضلع خيرپور ۾ امن امان جي صورت حال 80 سيڪڙو بهتر بڻائي آهي . اينڊڙ وقت ۾ مڪمل امن امان سان گڏ هر شهري ڳوڻائي کي تحفظ به مهيا ڪنداسين . ويڊيو لنڪ ذريعي به پاڻ سان ٿيل ذيادتين بابت ڄاڻ ڏيئي سگهو ٿا . ايس ايس پي خيرپور مير روحل خان سٽي پريس ڪلب . ڪراچي پريس ڪلب . ۽ هيومن رائيٽس واچ پاڪستان جي اڳواڻن جو پڻ شڪريو ادا ڪندي چيو ته جتي به جيڪو به واقعو ٿئي ٿو جتي انسان ذات جي تذليل امن امان . جان مال جي حفاظت ڪرڻ جي ڳالهه آهي اتي سچا صحافي انساني حقن جي تنظيمن جا فرض شناس دوست بهترين ڪم ڪن ٿا اسان يج مدد به ڪن ٿا ايس ايس پي خيرپور مير روحل خان ڪراچي پريس ڪلب جي سينئر صحافي راهب ڳاهو . سٽي پريس ڪلب جي صدر ڪالمنسٽ سيد زوار شاه . انساني حقن جي اڳواڻ فقير محمد عباسي ۽ ٻين کي وڏيڪ ٻڌايو ته انشاءَ الله اهو وقت پري ناهي جو ضلع خيرپور ۾ 100 فيصد حالات بهتر ٿيندا . پر جيڪي ڪجهه وقت اڳ رات جي پهر ۾ ٿيل ڏوهه آهن يا صحافين سان پيش اينڊڙ مسئلا آهن انشاءَ الله سڀ حل ٿيندا بشرط عوام . صحافي . سماجي رهنما سياسي مذهبي هر شهري اسان کي سماجي برائين . منشيات فورشن . آئيس . آفيم . چرس . ڀنگ . هيرئن هلندڙ آهي هو آگاهي ڏين نالو راز ۾ رکيو ويندو جيئن ڄاڀا هٽي هن خطرناڪ بيماري ڪاروبار کي ختم ڪري سگهجي . هن وڌيڪ چيو ته ڏوهارين جي پويان آهيون . پنهنجي ننڊ ڦٽائي عوام جي تحفظ لاءِ ڪوشان آهيون بس صرف ضلعي خيرپور جي تمام دوستن جي سهڪار جي ضرورت آهي . جديد ٽيڪنالاجي ۽ فرض شناس آفيسرن جي همت جرئت دليري ضلع خيرپور ۾ امن امان جي صورت حال 80 سيڪڙو بهتر بڻائي آهي . اينڊڙ وقت ۾ مڪمل امن امان سان گڏ هر شهري ڳوڻائي کي تحفظ به مهيا ڪنداسين . ويڊيو لنڪ ذريعي به پاڻ سان ٿيل ذيادتين بابت ڄاڻ ڏيئي سگهو ٿا . ايس ايس پي خيرپور مير روحل خان تي عوام جو هاڻ اعتماد بحال ٿي رهيو آهي مان گذارش ڪيان ته مذهبي لحاظ ڪان به هي ضلع خيرپور وڏي اهميت رکي ٿو . چوڻ جو مقصد ته ضلع خيرپور ۾ گذريل ڪجهه سالن ڪان وٺي امن امان يج صورت حال بهتر ناهي رهي . جڏهن ته ان ۾ به ڪو شڪ ناهي ته بهترين ايس ايس پي خيرپور مقرر ٿيا آهن هر هڪ پنهنجو فرض ادا ڪيا . پر ڳالهه اها ئي ايندي ته پوءِ به خيرپور ڪنهن بهترين آفيسر لاءِ چيئلينج ڪان گهٽ ناهي . پر گذارش ڪندس ته ڪجهه مهينا اڳ بدلي ٿيل ايس ايس پي ملڪ ظفر اقبال ڪان بعد نوجوان بيباڪ بهادر ايس ايس پي خيرپور مير روحل خان کي خيرپور لاءِ مقرر ڪيو ويو . جڏهن ته دانش مند . عقل فهم استعمال ڪري بهترين ڪردار رکندڙ شخصيت ٿوري عرصي ۾ تاريخي ڪم ڪيا بهترين ڪاميابيون پڻ مليون . جنهن ڪري به ڪافي پذيرائي پڻ ملي آهي . خاص ڪراچي کان سوات لاءِ ويندڙ ڪوچ جنهن کي هنگورجا لڳ ڪوچ . مسافرن کي يرغمال بڻائي سيناريه جي حد ڏيپاريه ڇڏي لٽ مار ڪري فرار ٿي ويا . جنهن لاءِ ڪيترن ئي ٿاڻن جي پوليس ايس ايڇ اوز کي سخت هدايت ڪئي ته ناڪہ بند ٿي . مختلف ڳوٺن تي چڙهائي ٿي . ڪجهه ڦر ڪندڙ گرفتار ٿيا ڪجهه فرار ٿيا جڏهن ته راڻيپور لڳ نو لکي وٽ ڪوچز کي ڦر ڪندڙن سان مقابلي بعد سوات ڪوچ ماسٽر مائينڊ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو . جڏهن ته ان کان اڳ موٽر سائيڪلون چوري ڪندڙ گينگ گرفتار ڪئي جنهن ۾ ون فاءِ انچارج ممتاز اجڻ ۽ ٻين جو به ڪردار رهيو . ڪيترين ئي موٽرسائيڪلون . لٽيل دولت ڦر ٿيل سامان به واپس ڪرايا آهن سلام پيش ڪيون ٿا . جڏهن ته سٽي پريس ڪلب جي صحافين جون موٽر سائيڪلون .موبائل فونز به چوري ٿيا پر انهن جي واپسي جو انتظار آهي . جڏهن ته جهنڊو مشاخ يوسي جي حد مان هڪ معزز بهترين شخصيت منظور حسين عابسي جي زمين تي قائم واڙي تان 13 ڏور . نوڪرن کي ٻڌي زمين ۾ ڦٽو ڪري ڪاهي ويا .23 ڏينهن گذري ويا جيڪا اڃان به ڳجهارت بڻيل آهي جڏهن ته منظور حسين عباسي ٻڌايو ته ايس ايس پي خيرپور مير روحل خان ڪوسو . ايس ايڇ او ڪنب محمد اسلم لغاري ان ڏوهه جي ويجهو پهتل آهن جلد خوش خبري ملندي . مان عرض ڪيان ته امن امان جي صورت حال بهتر ڪيئن نه ٿيندي . عوام جو اعتماد پوليس تي بحال ٿي چڪو آهي ايس ايس پي خيرپور مير روحل خان ڪوسو مسڪرائيندي چيو ته جتي ڪو به آفيسر رب پاڪ جو خوف دل ۾ رکي ڪم ڪري ته سڀ رب پاڪ پاڻ آسانيون پيدا ڪندو آهي . مان ضلعي خيرپور کي امن امان جي لحاظ سان تاريخي بنائيندس . بس عوام شهري اسان مٿان اعتماد ڪن . جتي به منشيات . سماجي برائيون هلندڙ هجن في الفور آگاهي ڏين . ان جو نالو ظاهر نه ڪيو ويندو . پر اسان ان کي به مڪمل تحفظ مهيا ڪنداسين هن وڌيڪ چيو ته منشيات . ڏوهن . سماجي برائين جي خاتمي لاءِ شهري سماجي اڳواڻ ورڪر. صحافي مڪمل سهڪار ڪن پوءِ ڏسو ته امن امان ڪيئن بحال ٿئي ٿو بس سهڪار جا طلبگار آهيون . رهنداسين.

مُون اُڏارِيا مَڃَرا، اللهَ! گهاتُو آڻِ،
مِيان! مُدارَنِ سين، مونکي، قادِرَا! وِڄه مَ ڪاڻِ؛
هَٿَ مُنهِنجي هاڻِ، قَدُرُ لِڌو جِن ري.

## توکي چاهي ٿو مختيار گهڻو!

عاجز غلام رسول ابڙو

توکي چاهي ٿو مختيار گهڻو
ان جو آتوسان پيار گهڻو
مونکي پنهنجي پرين جو اوسيئڙو
چنڊ تون چو آن بيقرار گهڻو

سنڌي ادب جي نرالي شخصيت جديدسنڌي ادب جي سرجڻهارمحقق موسيقي جي پارکو ٻاراڻي ادب کان سنڌي ادب ۾ وکون کڻندڙ"تم تم تاندانا" جي تخليقار مختيار ملڪ کي سندس جنم ڏينهن تي واڌايون ۽ علمي ادبي خدمتن جي عيوض چند لفظن جي پيتاڏين لاءِ هي تحرير شايد گهٽ هجي چو ته مختيار ملڪ پنهنجي سڄي ڄمار سنڌي ادب جي خدمت ۽ ان جي اوسر ۾ پاڻ پتوڙيندي گذاري آهي. سنڌي ادبي سنگت جو پليٽفارم هجي يا ريڊيو پاڪستان هن نون دوستن کي متعارف ڪرايو ۽ همٿائيندي اڳتي وڌڻ ۽ ادبي اوسر ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي. مختيار ملڪ پنهنجي شاعري جي شروعات ٻاراڻي ادب کان ڪئي "تم تم تاندانا" مختيار ملڪ جي شاعري جو پهريون ڪتاب 1981ع ۾ ڇپيو.

جيڪڏهن مختيار کي سلڇڻو ٻارجوان ته ان ۾ وڏائي ڪونهي چو ته هن پنهنجي شاعري جي شروعات ٻاراڻي ادب کان شروع ڪئي. مان مختيار ملڪ کي ان وقت کان سڃاڻان جڏهن هن وسيم سومرو سان خيرپور جي پبلڪ لائبريري هاڻوڪي سچل سرمست لائبريري ۾ هڪ سرهي شام ملهائي هئي. شاهه عبداللطف يونيورسٽي جي لان تي شاعر اسٽيج جي پر ۾ رکيل ڪرسين تي ويٺي اديبن سان ادبي ڪچهريون ٿينديون هيون. ها عجيب دور هو ماضي ٿي ويو دوستي جي هام هڻندي هلبو رهبو هو رولاڪين جي پنڌ ۾ ڪڏهن استاد غلام عباس جي آستاني تي موسيقي جي سرگم ۾ گم ٿي وڃبو هو ته ڪڏهن ڊاڪٽر تنوير جي ڪلينڪ تي ته ڪڏهن حيدري هوٽل ته ڪڏهن نظام زائر جي آفيس جي ان ڇپري ۾ ويهي سنڌي ادب تي گفتگو ڪندي. ڪڏهن سنڌي ادبي سنگت جي دستوري گڏجاڻين ۾ ڪيئي پل گذري ويندا هئا. وقت جي ڪائي ڪل نه پوندي هئي

چو ته ان وقت خيرپور ۾ اديبن جا ٽولا ٽولا ڪونه هوندا هئا جيئن هن وقت هر هڪ جي پنهنجي پنهنجي ڪني ڄڙهيل آهي. الائي چو خيرپور جي ادبي حلقي ۾ ڏار پئجي ويا .ڪنهن وڏا. ان وقت مان بلوچستان ۾ هيس پيٽ جي رولاڪين وچي جبلن ۾ ڦٽو ڪيو هو نوڪري جي سفر پوري ٿيڻ کان پوءِ خيرپور ۾ رهائش اختيار ڪيم ته ان دوران ڪک پن کان ڌار هيس ته اهي ادبي سرگرميون نه اهي مشاعرا هر هڪ وچي پنهنجي ڪنڊ وسائي. انتظار جا اولڙا ته ڪڏهن ٿيون اهي شامون موٽن پر سڀ جو سڀ وقت جي لهرن ۾ گم ٿي ويون چوڻ هتي هرڪو پنهنجي پنهنجي قدڪي مٿانهون ڪري بيٺل آهي. ڪوئي نوڙڻ لاءِ تيار ئي ناهي چو جوان وقت جا ننڍا ننڍا ٻالڪ جواڻي جون حدون اورانگهي اپالڪ جوان ٿي ويا آهن. انهن جي تخليقي سوچن ۾ پنهنجو پنهنجو چس آهي پنهنجي پنهنجي خوشبوءِ آهي جيڪا خوشبوءِ سنڌي ادب ۾ مڙني پاسن کي واسي ٿي انهن جون لکڻيون چاهي نثر ۾ هجن چاهي نظم ۾ هجن هر هڪ جي لکڻين ۾ پنهنجو مٺاس آهي.

مختيار ملڪ جي شاعري جدت سان ڀرپور جنهن ۾ هن جي احساسن جو پنهنجو رنگ سمايل آهي. اهڙن جذبن احساسن کي سهيڙيندي هڪ ٻيو شاعري جو ڪتاب اماس ۾ به سوجهرو سنڌي ادب جي پڙهندڙن کي ڏنو آهي جنهن ۾ مختيار ملڪ جي جذبن جي اپتار ۽ هن جا احساس شامل آهن اهڙائي جذبا،

ڪي پهر گذاريا هونداسين
۽ ٽهڪ لڳايا هونداسين
اڄ ڏور رهون مختيار پيا
چا ان لئي چايا هونداسين

مختيار ملڪ سنڌي ادب ۾ هڪڙو وڏو نان ۽ جنهن جي چانءِ ۽ شفقت سان هتان جا ڪيترائي سنڌي ادب جا هن وقت وڏا نالي وارا اديب شاعر ٿيا جن کي مختيار ملڪ ادب جي دنيا ۾ متعارف ڪرايو ۽ انهن کي اڳتي آڻڻ ۾ مختيار ملڪ جو وڏو عمل دخل رهيو آهي. مختيار ملڪ ڌرتي ۽ سرتي سونهن جو شاعر آهي. جنهن جي شاعري رومانوي آهي ڊاڪٽر تنوير چيو ته شاعري ۾ اها رومانيت يا ته مطالعي جي سهاري هوندي آهي يا تصوراتي يا پنهنجي محسوس ڪيل جذبن جي سهاري. ته مختيار ملڪ جا احساس جذبا اهو ٻڌائين ٿا ته هن گهڻو تڻو وقت پنهنجي محبوب جي انتظار ۾ گهاريو آهي. چنڊ کي مياروڻ ڏيندي چوي ٿو ته

مونکي پنهنجي پرين جو اوسيئڙو
چنڊ تون چو آن بيقرار گهڻو

جڏهن ڪي ڪنهن جا احساس جذبا وجداني ڪيفيت اختيار ڪندا آهن ته پنهنجي آس پاس واريون سڀ شيون ان ئي رنگ ۾ محسوس ڪندو آهي تڏهن چنڊ کي به پاڻ جيان بيقرار ٿو محسوس ڪري اهي ئي ته ڪيفيتون هونديون آهن. هڪجهڙيون هونديون آهن هڪ حساس دل رکندڙ شاعر جون. مختيار ملڪ شاعري جي مڙني صنفن تي لکيو آهي ۽ هن جي شاعري جدت سان تمتار جن ۾ پنهنجو چس آهي. مختيار ملڪ جا هائيڪا ۽ ترائيل پڙهڻ وٽان آهن هن جي لکڻ جو پنهنجو منفرد انداز رهيو آهي مختيار ملڪ کي جنم ڏينهن تي ڪوڙ ساريون واڌايون.

بقايا 01 ***

تي پاڪستان جي ٻوڏ ستيلن جي امداد لاءِ گڏيل قومن پاران منعقد ڪرايل عالمي ڪانفرنس ٻوڏ متاثرن لاءِ جوڳا قدم کنيا ويندا. سندس چوڻ هو ته موسمياتي تبديلين جي نتيجي ۾ برساتن ۽ ٻوڏ جي تباهڪارين سبب پاڪستان لاءِ هلندڙ سال ڏکيو ترين رهيو ٻوڏ جي تباهين جو ذڪر ڪندي هن چيو ته خاص طور پاڪستان جي ٻن صوبن ۾ 47 سيڪڙو تعليمي ادارن جون عمارتون تباهه ٿي چڪيون آهن جنهن سبب 52 سيڪڙو ٻار تعليم کان محروم ٿي ويا آهن. صحت جي صورتحال ڳڻتي جوڳي آهي. جڏهن ته 50 لک ايڪڙن تي بيٺل فصل مڪمل طور تباهه ٿي چڪا آهن. هن چي ته آمريڪا سميت ڪيئي ملڪن پاڪستان جي ٻوڏ متاثرن جي مدد ڪئي، پر بحالي واري ڪم لاءِ اڃا وڌيڪ امداد جي ضرورت آهي. پاڪستان جي مشڪل معاشي صورتحال تي ڳالهائيندي پرڏيهي وزير چيو ته وفاقي سرڪار اها ڪوشش ڪري رهي آهي ته نه رڳو موجودا معاشي صورتحال بهتر ڪئي وڃي پر اهڙي اثرائتي معاشي پاليسي ترتيب ڏني وڃي جنهن جي مدد سان ملڪ کي پنهنجن پيرن تي بيهڻ ۾ مدد ملي سگهي. سندس چوڻ هو ته اسان جي حڪومت جو سڄو ڌيان واپاري سرگرمين کي ديکهه ڏيڻ تي ڪتل آهي. ان سلسلي ۾ حڪومت جي ترجيحن جو ذڪر ڪندي هن چيو ته چين، ايران، افغانستان، وچ ايشيا جي پاڙيسرين ملڪن سميت سعودي عرب دنيا سان واپاري رابطا وڌايا پيا وڃن جنهن سان تجارتي نيٽ ورڪ وسيع ڪرڻ ۾ مدد ملندي. هن چيو ته معيشت جي غيريقيني واري صورتحال ڪانسواءِ پاڪستان سياسي نوعيت جي مسئلن ۽ چئلينجز کي منهن ڏئي رهيو هو. جڏهن ته موجودا حڪومتي اتحاد حالتن ۾ بهتري آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. پرڏيهي وزير پاڪ- آمريڪا لاڳاپن جي حوالي ڳالهائيندي چيو ته ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن ۾ گهڻي بهتري ۽ ويجهڙائي آئي آهي. بلاول ڀٽو چيو ته پنهنجي غلطين مان سکڻو پوندو. زندا ۽ روشن خيال قوم جيان اٿڻو پوندو.

بقايا 02 ***

سربراهه ڪجهه دير انهن سان گڏ رهيو هن ڪانئن خيريت پڇي ۽ زخمي آفيسرن ۽ جوانن جي بلند حوصلي ۽ جذبي کي ساراهيو.

بقايا 03 ***

چيو ته گورنر صوبي جو آئيني سربراهه آهي. پنجاب جي وڏي وزير چارج نه ڇڏي ته آرٽيڪل 245 تحت فوج ۽ رينجرز طلب ڪرڻ جو اختيار موجود آهي. خليل طاهر سنڌو دعويٰ ڪئي ته فواد چوڌري ن ليگ جي ٽڪيٽ لاءِ رابطا ڪري رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته پرويز الاهي کي پي ڊي ايم جو وڏو وزير بڻائڻ وارو وقت گذري ويو اڄ پنجاب جي وڏي وزير کي اعتماد جو ووٽ وٺڻو هو.

بقايا 04 ***

رياست ڪنهن به دهشتگرد گروهه يا تنظيم آڏو جهڪي نه ويندي. دهشتگردن سان آئين ۽ قانون موجب سختي سان ڪارروائي ڪئي ويندي. حڪومت دهشتگردن جي ٻاهرين سهولتڪارن ۽ انهن جي پناهه گيرن سان نبائيندي. شهباز شريف دهشتگردي خلاف وڙهندڙ فورسز جي جذبي ۽ عزم کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته قوم پنهنجي بهادر فرزندن سان دهشتگردي جو خاتمو آڻيندي. هن زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي ۽ کين علاج جون بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو ته هٿياربند فوج ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جون قربانيون ناقابل فراموش آهن. آپريشن

ردالفساد ۽ ضرب عضب دهشتگردي جي خاتمي لاءِ اهم قدم آهن. شهيدن جي قربانين کي رائيگان وڃڻ نه ڏنو ويندو. پاڪستان جي وزيراعظم چيو ته امن ۽ ڀائيچاري جي بنيادي ذميواري صوبن جي آهي پر وفاقي حڪومت انهن مسئلن تي اکيون بند نه ٿي ڪري سگهي. دهشتگردي خلاف جنگ لاءِ صوبن سان گڏجي ڪم ڪندا. هن جو چوڻ آهي ته دهشتگردي جي خاتمي لاءِ صوبائي حڪومت جي صلاحيت ۽ ڪارڪردگي ۾ اضافو اهم آهي. وفاق صوبن ۾ اينٽي ٽيرارزم فورس ۽ ڊپارٽمينٽ جي پروفيشنل صلاحيت کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ڪندو. هو خيبرپختونخواهه جي انسداد جي اداري جي بحالي تي ڪم ڪندا. ٽيرارزم ڊپارٽمينٽ ۽ اهي پنهنجي فورسز جون سموريون ضرورتون پوريون ڪندا. فورسز کي جديد هٿيارن جي فراهمي ۽ پروفيشنل ٽريننگ ڏني ويندي.

بقايا 05 ***

ايڇ راولپنڊي ۾ سي ٽي ڊي ڪامپليڪس بنون ۾ آپريشن دوران زخمي ٿيندڙ آفيسرن ۽ جوانن سان ملاقات ڪئي. پاڪ فوج جو سربراهه ڪجهه دير انهن سان گڏ رهيو. هن ڪانئن خيريت پڇي ۽ زخمي آفيسرن ۽ جوانن جي بلند حوصلي ۽ جذبي کي ساراهيو.

بقايا 06 ***

وڌيڪ آهي ۽ وڏ وزارت ان جو حق آهي. پنهنجي بيان ۾ اڳوٽي صدر جو چوڻ هو ته منهنجي لاءِ حمزا ۽ بلاول ڪو فرق ناهي، حمزا منهنجي لاءِ بلاول کان گهٽ ناهي. هن چيو ته پنجاب اسيمبلي ۾ ن ليگ ميمبرن جي انگ وڌيڪ آهي تنهنڪري پنجاب ۾ وڏ وزارت ان جو حق آهي. واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن کان خبرون اچي رهيون آهن ته اڳوٽي صدر پنجاب ۾ وڏ وزارت پيپلز پارٽي کي ڏيارڻ لاءِ سرگرم آهي ۽ پ پ جي حسن مرتضيٰ سميت ٽن ڄڻن جا نالا وڏ وزارت جي دوڙ ۾ شامل آهن. پر هاڻي انهن خبرن جي ترديد ٿي وئي آهي.

بقايا 07 ***

سان ٽيليفون تي رابطا ڪيا آهن. ذريعن موجب وزيراعظم ٽنهي اڳواڻن کي فون ڪيو ۽ پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر طرفان اسيمبلي اجلاس کي غير آئيني قرار ڏيڻ کان پوءِ جي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون. ذريعن ٻڌايو آهي ته حڪومتي اڳواڻن اتفاق ڪيو ته اعتماد جي ووٽ جي حوالي سان آئين ۽ قانون تي عمل يقيني بڻايو وڃي. حڪومتي اڳواڻن جو موقف آهي ته آئين جو آرٽيڪل 130 ۽ پنجاب اسيمبلي جا قائدا قانون صاف ظاهر آهن جيستائين پرويز الاهي اعتماد جو ووٽ نه ورتو ته گورنر آئين موجب پنهنجو ڪردار ادا ڪندو. ذريعن موجب حڪمران اتحاد آئيني ۽ قانوني ماهرن سان به صلاح مشورا مڪمل ڪري ورتا آهن. انهن جو چوڻ آهي ته بي اعتمادي رٺ جمع هجي يا اعتماد جي ووٽ جو معاملو هجي ته اجلاس گورنر ئي گهرائيندو. پنجاب جي گورنر جي گهرايل اجلاس کي اسپيڪر نٿو روڪي سگهي.

بقايا 08 ***

سبطين خان گورنر بليغ الرحمان جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي کي اعتماد جو ووٽ وٺڻ لاءِ ڏنل هدايت کي غير آئيني قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيو آهي ٻن صفحن تي ٻڌل فيصلي ۾ اسپيڪر سبطين خان چيو آهي ته گورنر جا حڪم آئين جي ابتڙ آهن. ايوان جو اجلاس 23 آڪٽوبر 2022 کان جاري آهي. هاڻوڪو اجلاس ختم ٿيڻ تائين ڪو نئون اجلاس نه ٿو گهرائي سگهجي ڪجهه آئيني ماهرن جو چوڻ آهي ته اڄ شام 4 وڳي تائين گورنر جي هدايت تحت وڏي وزير اعتماد جو ووٽ نه ورتو ته وڏ وزارت وارو عهدو خالي ٿي ويندو

بقايا 09 ***

. ق ليگ جي پارلياماني پارٽي پرويز الاهي جي قيادت تي ڀرپور اعتماد جو اظهار ڪيو ۽ سمورن فيصلن جو اختيار پرويز الاهي کي ڏئي ڇڏيو آهي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو آهي ته بي اعتمادي رٺ تي ووٽنگ جي صورت ۾ وڏو وزير، اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر کي ووٽ ڏيندا. پارلياماني پارٽي جو چوڻ آهي ته پرويز الاهي جي قيادت ۾ ق ليگ جي پارلياماني پارٽي متحد ۽ هڪ آهي. پرويز الاهي سان گڏ آهيون ۽ رهنداسين. ق ليگ پارلياماني پارٽي جو چوڻ آهي ته پارلياماني، سياسي ۽ عوامي سگهه سان پرويز الاهي سان گڏ بيٺا آهيون. ان موقعي تي پرويز الاهي چيو ته ق ليگ متحد آهي ۽ رهندي، افواهون ڦهلائڻ وارا مخصوص ايجنڊا تي هلي رهيا آهن.

بقايا 10 ***

شهباز کي جلد کان جلد ملڪ واپس ورڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. پنجاب جي سياست جي ڏينهون ڏينهن صوررتحال تبديل ٿي رهي آهي ۽ مسلم ليگ نواز جي قيادت پاران پنجاب جي اڳواڻي وڏي وزير حمزا شهباز کي اينڊڙ 48 ڪلاڪن ۾ پاڪستان پهچڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. پارٽي ذريعن موجب اپوزيشن ليڊر صوبائي هن وقت پرڏيهه ويل آهي. ڪيس پنجاب جي وڏ وزارت ڏيڻ لاءِ فوري طور وطن پهچڻ جو چيو ويو آهي. واضح رهي وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله چيو هو ته ڇنڇر وڳي کانپوءِ پرويز الاهي وڏو وزير نه رهندو.

بقايا 11 ***

۾ اينڊڙ حڪم تائين سيني نجي ۽ سرڪاري يونيورسٽين کي عورتن جي تعليم معطل ڪرڻ جو چيو ويو آهي. افغانستان ۾ طالبان ڇوڪرين جي ثانوي تعليم تي به پابندي لڳائي آهي. آگسٽ 2021 ۾ افغانستان تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ کانپوءِ طالبان رڳو پرائمري جماعت تائين ڇوڪرين کي اسڪول وڃڻ جي اجازت ڏني هئي. ان کان اڳ يونيورسٽين ۾ عورتن کي ڌار ڪلاسن جي شرط تي تعليم جاري رکڻ جي هدايت ڪئي وئي هئي.

بقايا 12 ***

اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ مثبت ڪاروباري رجحان سامهون آيو آهي.پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج 100 انڊيڪس 40 پوائنٽن جي واڌ سان 39873 تي پهچي ويو.

بقايا 13 ***

ارب رپين جي منظوري ڏني. اجلاس ۾ وزير ورڪس ضياءِ عباس شاهه، چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت، چيئرمين پي اينڊ ڊي حسن نقوي، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري فياض جتوئي، سيڪريٽري ورڪس شارق احمد ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس جي شروعات ۾ سنڌ جي وڏي وزير چيو ته جولاءِ ۽ آگسٽ 2022ع دوران ٿيندڙ تيز برساتن سبب سنڌ غيرمعمولي صورتحال کي منهن ڏئي رهي آهي جنهن سبب انفراسٽرڪچر متاثر ٿيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڪيترن ئي روڊن ۽ سنڌن لاڳاپيل انفراسٽرڪچر کي سخت نقصان پهچڻ سان گڏوگڏ ٻيا رستا متاثر ٿيا آهن جن جي ترت مرمت ۽ بحالي جي ضرورت آهي ته جيئن ضلعن وچ ۾ رابطا بحال ٿي سگهن. نقصان جو ڪاٿو: سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته ورڪس اينڊ سروسز ڪاتي هيسٽائين روڊن ۽ ٻين انفراسٽرڪچر جي نقصان جو ضلعي سطح تي سروي ڪندي ڪاٿو تيار ڪيو آهي. صوبائي حڪومت جي دائري هيٺ روڊ سيڪٽر جون 801 اسڪيمون متاثر ٿيون آهن جنهن جي اٽڪل ڊيگهه 8620 ڪلوميٽر آهي. روڊن جي بنيادي جار رچائڻ واري بحالي لاءِ فنڊز جي مد ۾ 94121.578 ملين (427.825$) گهربل آهن. چيف سيڪريٽري، وڏي وزير کي ٻڌايو ته ايشيائي ترقياتي بئنڪ (ADB)نقصان واري ڪاٿي جي ڊيٽا تصديق لاءِ صلاحڪار پڻ مقرر ڪيو آهي. سنڌ جي وڏي وزير 8620 ڪلوميٽر روڊن جي بحاليءَ لاءِ 66 ارب رپين جي منظوري ڏني ۽ پي اينڊ ڊي ۽ ورڪس کاتي کي هدايت ڪئي ته روڊن جي بهتر معيار کي يقيني بڻايو وڃي ۽ اهڙن گندن نالن، پلين ۽ سائفن ناهيا وڃن جن مان برسات/ گٽرن جي پاڻي جي نيڪال آسانيءَ سان ٿي سگهي. مراد علي شاهه چيو ته هاڻي اسان کي موسمياتي تبديلين جي حوالي سان پائيدار روڊ ناهڻا آهن تنهنڪري سنڌن ڍانچو ۽ مواد معيار مطابق هجڻ گهرجي. مختصر رستا: مراد علي شاهه چيئرمين پي اينڊ ڊي کي هدايت ڪئي ته ڳوٺ کي شهر سان ڳنڍڻ يا شهر اندر 3 ڪلوميٽرن تائين ننڍن خراب رستن جي بحاليءَ تي به ڪم شروع ڪيو وڃي. هن هدايت ڪئي ته ٽن هفتن اندر ڊيٽا تيار ڪري منهنجي منظوري لاءِ موڪليو وڃي. هن چيو ته هو جنوري ۾ ان تي ڪم شروع ڪندو. سنڌ جي وڏي وزير هڪ ٻئي اجلاس جي صدارت ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت ٽي لک ٽن ڪڻڪ خريد ڪندي. سنڌ جي وڏي وزير صوبائي حڪومت وٽ موجود ڪڻڪ جي ذخيرن جو جائزو ورتو ۽ مارچ جي شروعات تائين گهرج پوري ڪرڻ لاءِ پاسڪو کان 3 لک ٽن ڪڻڪ خريد ڪرڻ جي منظوري ڏني. خوراڪ واري صوبائي وزير مڪيش چاولا سنڌ جي وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته 23_2022 جي سيزن ۾ خوراڪ کاتي هيستائين 721000 ٽن ڪڻڪ جاري ڪئي ۽ کاتي وٽ اڃا تائين 379000 ٽن ڪڻڪ موجود آهي. هن وڌيڪ چيو ته نئين فصل جي لٿائي يعني مارچ 2023 تائين گهرج کي پورو ڪرڻ لاءِ 300,000 ٽن ڪڻڪ جي گهربل آهي. سنڌ جي وڏي وزير پاسڪو کان 300000 ڪڻڪ خريد ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي.

بقايا 14 ***

چوڌري پرويز الاهي اڄ وڏو وزير نه هوندو. جڏهن ته ڳالهائيندي وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله چيو ته پنجاب جو گورنر 4 وڳي کانپوءِ نئون نوٽيفڪيشن جاري ڪندو. نئين نوٽيفڪيشن موجب پرويز الاهي هاڻي وڏو وزير نه رهندو. چيئرمين جي مبينا آڊيو بابت سوال تي، پي ٽي آءِ، وفاقي گهرو وزير چيو ته عمران خان جي آڊيو حقيقت آهي. عمران خان جي وڊيو به موجود آهي، آڊيو ۾ جا آهي وڊيو ۾ آهي.

بقايا 15 ***

آهي،عدالت جاج آفيسر کان پڇائو ڪيو ته اوهان کهڙي بنياد تي شاگردن واري ڪيس ۾ دهشتگردي جا ڪلم لڳايا، ڪيس ۾ دهشتگردي جا ڪلم لڳائڻ تي اوهان خلاف ڪارروائي جو حڪم ڏنو ويندو. شاگردن جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته امر آڪاش لاکو، زوهيب لاکو، ارسلان آريسر سميت ڪنهن به شاگرد ٽوڙي شاگرديائي بغاوت نه ڪئي هئي.عدالت ريمارڪس ڏنا ته اهڙن ڪيسن ۾ گهرو کاتي کان اجازت لازمي هوندي آهي، اوهان ڪنهن کان اجازت ورتي.جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو جاج آفيسر سان مخاطب ٿيندي چيو ته ڇا ڪيس داخل ڪرڻ بعد اجازت وٺندئو لڳي ٿو اوهان کي جيل موڪلڻو پوندو.

بقايا 16 ***

ته مستقبل ۾ اوهان کي ٽڪيٽ ڏينداسين. تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان سان عورت اسيمبلي ميمبرن ملاقات ڪئي. جنهن ۾ هنن پنجاب جي وڏي وزير خلاف به خدشن جو اظهار ڪري ڇڏيو عورت اسيمبلي ميمبرن پنجاب جي وڏي وزير خلاف شڪايتن جا ڍير لڳائي ڇڏيا ۽ چيو ته پي ٽي آءِ اسيمبلي ميمبرن جي وڏي انگ کي نظر انداز ڪيو پيو وڃي. عورت ميمبرن الزام هنيو ته ٽرانسفر ۽ پوسٽنگ جي لاءِ 10_19 لک روپيه ورتا پيا وڃن ترقياتي فنڊز ڪجهه ضلعن تائين محدود ٿي ويا آهن. اوهان کي ڏوڪي ۾ رکيو پيو وڃي پر ان باوجود پي ٽي آءِ انهن سان اتحاد ڪري رهي آهي. عورت ميمبرن عمران خان کي ٻڌايو ته اسان کي ٻئسن جي آڇ ڪئي پئي وڃي اسان کي اٿجاڻ هنڌ تي منتقل ڪرڻ جي آفر ڪئي وئي اسان کي لالچ ڏني پئي وڃي ته اوهان کي مستقبل ۾ ٽڪيٽ ڏينداسين. ذريعن موجب ملاقات دوران عمران خان عورت اسيمبلي ميمبرن کي کلندي چيو ته اوهان پئسا وٺي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو. نظرئي سان گڏ رهوهنن جي آفر مان انجواءِ ڪريو.

بقايا 17 ***

آهي ته 27 ڪلوميٽر بجلي بچائڻ لاءِ ملڪ کي داءَ تي لڳائي ڇڏيو آهي. 75 سالن ۾ ڪو به جوش ناهي. گورنر ۽ اسپيڪر، پيٽروليم ۽ پرڏيهي وزارت، اڳوٽي ۽ موجوده ٽالي واري وزير فدا شيخ رشيد پنهنجي پيغام ۾ وڌيڪ چيو ته پ پ زميني حقيقتن کان بي خبر آهي. ڪڻڪ، گيس، بجلي مهانگي ۽ مهانگي آهي. ڪڻڪ 4100 من کان مٿي تي وڃي آهي جڏهن ته اسٽاڪ مارڪيٽ 40 هزار پوائنٽس کان به هيٺ اچي وئي آهي. عوامي مسلم ليگ جي سربراهه لکيو ته انسانن جو ڪاڏو به مرغن جو ڪاڏو ناهي. بازارون 8 وڳي بند ڪرڻ سان ڪجهه نه ٿيندو. چونڊون عوام جو اعتماد بحال ڪنديون.

بقايا 18 ***

ڏنو آهي. پنجاب ۾ عبدالله خان سنبل کي چيف سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ اسٽيبلشمينٽ ڊويزن باقاعده نوٽيفڪيشن به جاري ڪري ڇڏيو آهي. عبدالله خان سنبل جو تعلق پاڪستان ايڊمنسٽريٽو سروس جي 23هين ڪامن سان آهي جيڪو فنانس ۽ ايڊمنسٽريشن جي شعبن جو وڏو تجربو رکي ٿو عبدالله خان سنبل مختلف ڪاتن ۾ اهم عهدن تي خدمتن کان علاوه ايڊيشنل چيف سيڪريٽري، ٽالي بابت سيڪريٽري ۽ ڪمشنر لاهور جا فرض به انجام ڏئي چڪو آهي. پنجاب جو نئون چيف سيڪريٽري عبدالله خان سنبل سيڪريٽري هائر ايجوڪيشن، سيڪريٽري اطلاعات ۽ ڪمشنر ساهيوال جي عهدن تي به مقرر رهيو آهي. ٻئي طرف آءِ جي پنجاب فيصل شهڪار پنهنجي عهدي جي چارج ڇڏي ڏني آهي جنهن کان پوءِ هو گڏيل قومن ۾ بطور پوليس جي ايڊوائيزر طور چارج سنڀاليندو. پنجاب جي آءِ جي پوليس طرفان عهدو ڇڏڻ جي حوالي سان رپورٽ سيڪريٽري سروس ڏانهن امائي وئي آهي جنهن کان پوءِ غلام رسول زاهد کي وقتي آءِ جي پنجاب جي ذميواري ڏني وئي آهي. غلام رسول زاهد ايڊيشنل آءِ جي انويسٽيگيشن پنجاب مقرر آهي سندس تعلق پوليس سروس آف پاڪستان جي 19هين ڪامن سان آهي. ايڊيشنل آءِ جي غلام رسول زاهد 1991ع ۾ پوليس سروس آف پاڪستان جوائن ڪئي هئي.

بقايا 19 ***

دوران درخواستگذار ايڊوڪيٽ شبير شر عدالت کي ٻڌايو ته نيشنل هاءِ وي اٿارٽي سنڌ جي روڊن جي مرمتي ڪم ۾ سنجيده نه آهي ۽ عدالتي حڪم باوجود ڪوبه عمل نه پيو ڪيو وڃي. درخواست جي ٻڌڻي ڪندڙ جج جسٽس ظفر احمد راجپوت جنرل مينيجر نيشنل هاءِ وي اٿارٽي کان پڇاڻو ڪيو ته ٻڌايو وڃي ته نيشنل هاءِ وي جو مطلب ڇا آهي ۽ ڇا اهي نيشنل هاءِ وي واريون سڀ سهولتون سنڌ خاص طور تي سکر کان ڪراچي تائين فراهم ڪيون ويون آهن. جنهن تي جنرل مينيجر عدالت کي ٻڌايو ته نيشنل هاءِ وي جو مطلب ماڻهن کي آرام د سفر وارا روڊ فراهم ڪرڻ آهي جنهن تي جسٽس ظفر احمد راجپوت چيو ته ڇا هتي نيشنل هاءِ وي تي اهي سهولتون موجود آهن سنڌ جا روڊ هر جڳهه تي تباهه آهن. جسٽس ظفر راجپوت هڪ ٻئي سوال ۾ جنرل مينيجر کان پڇاڻو ڪيو ته ڇا موٽروي جي روڊ سان گڏ ناهي سگهجي ٿو يا موٽروي لاءِ جدا روڊ ناهڻو آهي جنهن تي جنرل مينيجر وراڻيو ته نه اهو جدا ناهيو ويندو آهي. جنهن تي جسٽس ظفر احمد راجپوت پنهنجي رماڪس ۾ چيو ته لاهور کان اسلام آباد موٽروي الڳ ناهيو ويو آهي پر سنڌ ۾ حيدرآباد کان ڪراچي موٽروي روڊ سان گڏ ڪيو ويو آهي ملڪ جي ٻين صوبن ۾ روڊن جي مرمت ۽ ناهڻ جو طريقو مختلف آهي ڇا سنڌ پاڪستان جو حصو نه آهي ۽ سنڌ جا روڊ سکر کان حيدرآباد ۽ جامشوري کان لاڙڪاڻي ۽ ڪشمور تائين خستہ حال آهن جنهن لاءِ نيشنل هاءِ وي کي سوچڻ گهرجي ۽ سنڌ جي روڊن کي به ملڪ جي ٻين روڊن وانگر ناهڻ گهرجي. ان تي جنرل مينيجر نيشنل هاءِ وي عدالت کي ٻڌايو ته سکر کان مورو تائين روڊ جو مرمتي ڪم تيزي سان شروع ڪري ڇهن ٺيڪيدارن کي الڳ الڳ ٺيڪا جاري ڪيا ويا آهن جيڪي ٻن مهينن ۾ ڪم مڪمل ڪندا جڏهن ته ڪم جي نگراني لاءِ سنڌ جو فوڪل پرسن مقرر آهي عدالت ٻن مهينن اندر روڊن جو مرمتي ڪم مڪمل ڪرڻ جو قسم نامو جنرل مينيجر کي لکي ڏيڻ جي شرط تي وڌيڪ وقت ڏيڻ جو راضپو ظاهر ڪندي چيو ته جنرل مينيجر لکت ۾ ڏي ٻي صورت ۾ سنڌ جي ٽول ٽيڪس بند ڪري سموريون فيون ختم ڪيون وينديون ڇاڪاڻ ته جنهن سهولت جو ٽيڪس ورتو پيو وڃي اها سنڌ جي روڊن تي فراهم ناهي پوءِ عوام کهڙو ٽيڪس ڏي؟.

بقايا 20 ***

آهي مڪيش ڪمار موجب ذخيري ۾ هن وقت 3 لک 79 هزار ٽن ڪڻڪ موجود آهي. جيڪا ڊسمبر ۽ جنوري جو اڌ مهينو هلندي صوبائي وزير چيو ته جنوري کان مارچ جي شروع تائين 3 لک ٽن ڪڻڪ جي ضرورت آهي وڏي وزير ضرورت مطابق ڪڻڪ خريد ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي مراد علي شاهه چيو ته ڪڻڪ جي کوٽ کان بچڻ لاءِ خريداري شروع ڪئي وڃي

بقايا 21 ***

فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته اعظم سواتي هڪ ئي ڏوهه 2 ڀيرا ڪيو ان لاءِ عدالت جوابدار جي ضمانت رد ڪري ٿي. ٻڌڻي دوران پراسيڪيوٽر رضوان عباسي دليلن ۾ ٽوئٽر تي اڪائونٽ ويريفڪيشن جو طريقو ٻڌايو. هن چيو ته اعظم سواتي جي اڪائونٽ تي بليو ٽڪ آهي ۽ ڪيس مشهور شخصيتن فالو ڪيو آهي. جنهن ۾ سياسي ۽ صحافي شخصيتون پڻ شامل آهن. جڏهن ته اعظم سواتي پنهنجي ٽوئٽر اڪائونٽ تان ڪڏهن به انڪار ناهي ڪيو ٻڌڻي دوران سرڪاري وڪيل ۽ پراسيڪيوٽر اعظم سواتي جي ضمانت واري درخواست جي مخالفت ڪئي. ڌرين جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ عدالت سگهوري محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائيندي سينيٽر اعظم سواتي جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي. جج اعظم خان پنهنجو فيصلو ٻڌائيندي لکيو ته اعظم سواتي هڪ ئي ڏوهه ٻه ڀيرا ڪيو ان لاءِ سندس ضمانت جي درخواست رد ڪئي وڃي ٿي. ياد رهي ته ڪوئٽہ جي مقامي عدالت سينيٽر اعظم سواتي مٿان داخل سمورا ڪيس ختم ڪري ڇڏيا هئا.

بقايا 22 ***

ترجيح 4 جي ٽيڪنالاجي جو دائرو سڄي ملڪ ۾ وڌائڻ آهي. ٽيڪنالاجي جو مستقبل 5 جي ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائڻ سان مشروط آهي.هن چيو ته آءِ ٽي واري وزارت سمورين موبائل ڪمپنين کي هر ممڪن سهڪار فراهم ڪري رهي آهي. ٽيلي ڪام ڪمپنيون پاڪستان ۾ جديد ٽيڪنالاجي آڻڻ لاءِ ڪردار ادا ڪن.وفاقي وزير امين الحق جو چوڻ آهي ته هو نٿا چاهين ته پاڪستان ٽيڪنالاجيءَ جي عالمي دوڙ مان ٻاهر نڪري. ڪمپنيون پنهنجون تياريون ڪن.انصالات جي وفد پاڪستان ۾ ٽيلي ڪميونيڪيشن جي حوالي سان وفاقي وزير جي قدمن کي ساراهيو انصالات انٽرنيشنل جي سي اي او ميخائل گرجڪ چيو ته پاڪستان ۾ آءِ ٽي ۽ ٽيلي ڪام جي مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

بقايا 23 ***

نيب ڏانهن موڪلي ڇڏيو. ان ريفرنس ۾ اڳوٽي وزيراعظم نواز شريف کي اشتهاري قرار ڏنو ويو آهي. ريفرنس جي شريڪ جوابدارن نيب ترميمي آرڊيننس تحت ريفرنس ختم ڪرڻ جي درخواست داخل ڪئي هئي. جڏهن ته آصف زرداري ۽ يوسف رضا گيلاني به ترميمي آرڊيننس تحت درخواست داخل ڪئي هئي.

بقايا 24 ***

ڳالهائيندي علي زيدي چيو ته سنڌ جي چيف سيڪريٽري ۽ صوبائي اليڪشن ڪميشن کي خط لکيو ويو آهي. هڪ پارٽي جي اونداهين ۾ منتظمين کي لڳايو پيو وڃي.علي زيدي چيو ته ڪارڪن ٻڌندا هئا، هاڻي منتظمين به سرگرم آهن. 18 گريڊ جا ملازم عوامي سياست ۾ ڪيئن سرگرم آهن.هن چيو ته سنڌ حڪومت پوليس کي استعمال ڪري مخالفن تي ڪيس داخل ڪري رهي آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته هو پريشان آهي ته حڪومت واپارين سان ڇا ڪيس. ڪراچي جي واپارين سان جيڪو ڪجهه ڪيو ويو ان جي مذمت ڪريون ٿا.علي زيدي چيو ته ڪراچي جو الڳ ڪلچر آهي. ظالمانہ فيصلا نہ ٿيڻ گهرجن. مارڪيٽون بند ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻ کان اڳ مشاورت ٿيڻ گهرجي ها. شهر ۾ شادي هالن ۽ ريسٽورنٽ خلاف فيصلو زيادتي آهي.تحريڪ انصاف جي اڳواڻ چيو ته ڪراچي ۾ هر روز نوجوانن جو قتل عام ڪيو پيو وڃي ۽ امن امان جي صورتحال خراب آهي جڏهن ته شهر جو انفراسٽرڪچر، تعليم ۽ صحت به تباهه آهي.هن چيو ته ملڪ ۾ گورننس ۽ معيشت خراب آهي. دهشتگردي ٻيهر شروع ٿي وئي آهي.

بقايا 25 ***

جي افغانستان مان نڪرڻ کانپوءِ عمران خان افغانين جون دليون کٽي ورتيون.هن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته حڪومت هڪ پاسي آهي ته عمران کي ڪيئن هٽايو وڃي ٻئي اسيمبليون ٽوڙيو نہ. حڪمران هاڻي عوام کان ڊڄن پيا.پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) اڳواڻ بابر اعوان جو چوڻ آهي ته ماضي ۾ حڪومت ٽوڙڻ لاءِ آتشبازي ڪئي وئي.

بقايا 26 ***

بئنڪنگ ڪورٽ لکين رپين جي فراڊ ۽ مني لانڊرنگ ۾ ملوث ٽن جوابدارن کي سزا ٻڌائي، جنهن ۾ جوابدار موهن لعل کي ٽن ڪيسن ۾ مجموعي طور تي 67 سال قيد ۽ ٻه ڪروڙ رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي. ان ڪانسواءِ جوابدار شهزاد رضا کي 29 ۽ منگل داس کي 17 سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي. ايف آءِ اي موجب جوابدارن غير رجسٽرڊ ڪمپني جي نالي تي لکين رپين جي ٽرانزيڪشن ڪئي. سندن خلاف 2015 ۾ ٽي ڪيس داخل ڪيا ويا.

بقايا 27 ***

جو انگ وڌايو ويو آهي جنهن کان پوءِ يونين ڪائونسلز 101 کان 125 ٿي ويون آهن. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته اليڪشن ڪميشن کي پراڻي ووٽرز لسٽ موجب چونڊون ڪرائڻ کان روڪيو وڃي. اليڪشن ڪميشن جو نوٽيفڪيشن 101 يونين ڪائونسلن تائين هو. درخواست ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته هاڻي انهن 101 يونين ڪائونسلن جو وجود ناهي رهيو. وفاقي حڪومت به لوڪل گورنمنٽ ايڪٽ ۾ ترميم جي تجويز ڏني آهي. ٻئي طرف پي ٽي آءِ جي علي نواز اعوان به حڪومت خلاف توهين عدالت جي درخواست داخل ڪئي آهي. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته يونين ڪائونسل جي معاملي تي هاءِ ڪورٽ اڳ ئي فيصلو ڏئي چڪي آهي، هاءِ ڪورٽ وڌيڪ يونين ڪائونسلون وڌائڻ کان روڪيو هو يونين ڪائونسلن جو انگ وڌائي توهين عدالت ڪئي وئي. علي نواز اعوان جي درخواست ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته وزيراعظم شهباز شريف ۽ ٻين جي خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪئي وڃي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو هو ته اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊون هر صورت ۾ 31 ڊسمبر تي ٿينديون.

بقايا 28 ***

اٿارٽي (نيپرا) کي درخواست جمع ڪرائي ڇڏي آهي ڪي اليڪٽرڪ جي واهپيدارن لاءِ بجلي جي اگهن ۾ نه ماهي ايڊجسٽمينٽ لاءِ درخواست جمع ڪرائي وئي آهي نيپرا موجب ڪي اليڪٽرڪ واهپيدارن لاءِ بجلي جي قيمت ۾ 3 رپيا 30 پئسا في يونٽ واڌ جي درخواست ڪئي وئي آهي نيپرا اختيارين جو چوڻ آهي ته حڪومت چاهي ٿي ته ڇهن مهينن لاءِ ڪي اليڪٽرڪ جي واهپيدارن لاءِ بجلي مهانگي ڪئي وڃي ڪراچي لاءِ بجلي جي اگهن ۾ واڌ بابت درخواست تي ٻڌڻي 27 ڊسمبر تي ٿيندي. بجلي جي اگهن ۾ واڌ جو حتمي فيصلو ٻڌڻي کانپوءِ ڪيو ويندو

بقايا 29 ***

مين ڪارخوشا جي نظر پئي ته هن عورت کي سادو نوٽ لکي شادي جي خواهش جو اظهار ڪيو ۽ لکيو ته ملينير هيڊانهن ڏس مان هتي آهيان. يوڪريني مرد بل بورڊ تي اشتهار ڏيندي لکيو ته جنگ جو حمائتي ناهيان، نه ئي ولادمير لاءِ عزت اٿم. پر اشتهار ڏسڻ بعد فيصلو ڪيو آهي ته ماريا کي زندگي جو حصو بڻايان.

بقايا 30 ***

تي پاڪستان جي ٻوڏ ستيلن جي امداد لاءِ گڏيل قومن پاران منعقد ڪرايل عالمي ڪانفرنس ٻوڏ متاثرن لاءِ جوڳا قدم کنيا ويندا. سندس چوڻ هو ته موسمياتي تبديلين جي نتيجي ۾ برساتن ۽ ٻوڏ جي تباهڪارين سبب پاڪستان لاءِ هلندڙ سال ڏکيو ترين رهيو ٻوڏ جي تباهين جو ذڪر ڪندي هن چيو ته خاص طور پاڪستان جي ٻن صوبن ۾ 47 سيڪڙو تعليمي ادارن جون عمارتون تباهه ٿي چڪيون آهن جنهن سبب 52 سيڪڙو ٻار تعليم کان محروم ٿي ويا آهن. صحت جي صورتحال ڳڻتي جوڳي آهي. جڏهن ته 50 لک ايڪڙن تي بيٺل فصل مڪمل طور تباهه ٿي چڪا آهن. هن چي ته آمريڪا سميت ڪيئي ملڪن پاڪستان جي ٻوڏ متاثرن جي مدد ڪئي، پر بحالي واري ڪم لاءِ اڃا وڌيڪ امداد جي ضرورت آهي. پاڪستان جي مشڪل معاشي صورتحال تي ڳالهائيندي پرڏيهي وزير چيو ته وفاقي سرڪار اها ڪوشش ڪري رهي آهي ته نه رڳو موجودا معاشي صورتحال بهتر ڪئي وڃي پر اهڙي اثرائتي معاشي پاليسي ترتيب ڏني وڃي جنهن جي مدد سان ملڪ کي پنهنجن پيرن تي بيهڻ ۾ مدد ملي سگهي. سندس چوڻ هو ته اسان جي حڪومت جو سڄو ڌيان واپاري سرگرمين کي ديکهه ڏيڻ تي ڪتل آهي. ان سلسلي ۾ حڪومت جي ترجيحن جو ذڪر ڪندي هن چيو ته چين، ايران، افغانستان، وچ ايشيا جي پاڙيسرين ملڪن سميت سعودي عرب دنيا سان واپاري رابطا وڌايا پيا وڃن جنهن سان تجارتي نيٽ ورڪ وسيع ڪرڻ ۾ مدد ملندي. هن چيو ته معيشت جي غيريقيني واري صورتحال ڪانسواءِ پاڪستان سياسي نوعيت جي مسئلن ۽ چئلينجز کي منهن ڏئي رهيو هو. جڏهن ته موجودا حڪومتي اتحاد حالتن ۾ بهتري آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. پرڏيهي وزير پاڪ- آمريڪا لاڳاپن جي حوالي ڳالهائيندي چيو ته ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن ۾ گهڻي بهتري ۽ ويجهڙائي آئي آهي. بلاول ڀٽو چيو ته پنهنجي غلطين مان سکڻو پوندو. زندا ۽ روشن خيال قوم جيان اٿڻو پوندو.

بقايا 31 ***

دوران درخواستگذار ايڊوڪيٽ شبير شر عدالت کي ٻڌايو ته نيشنل هاءِ وي اٿارٽي سنڌ جي روڊن جي مرمتي ڪم ۾ سنجيده نه آهي ۽ عدالتي حڪم باوجود ڪوبه عمل نه پيو ڪيو وڃي. درخواست جي ٻڌڻي ڪندڙ جج جسٽس ظفر احمد راجپوت جنرل مينيجر نيشنل هاءِ وي اٿارٽي کان پڇاڻو ڪيو ته ٻڌايو وڃي ته نيشنل هاءِ وي جو مطلب ڇا آهي ۽ ڇا اهي نيشنل هاءِ وي واريون سڀ سهولتون سنڌ خاص طور تي سکر کان ڪراچي تائين فراهم ڪيون ويون آهن. جنهن تي جنرل مينيجر عدالت کي ٻڌايو ته نيشنل هاءِ وي جو مطلب ماڻهن کي آرام د سفر وارا روڊ فراهم ڪرڻ آهي جنهن تي جسٽس ظفر احمد راجپوت چيو ته ڇا هتي نيشنل هاءِ وي تي اهي سهولتون موجود آهن سنڌ جا روڊ هر جڳهه تي تباهه آهن. جسٽس ظفر راجپوت هڪ ٻئي سوال ۾ جنرل مينيجر کان پڇاڻو ڪيو ته ڇا موٽروي جي روڊ سان گڏ ناهي سگهجي ٿو يا موٽروي لاءِ جدا روڊ ناهڻو آهي جنهن تي جنرل مينيجر وراڻيو ته نه اهو جدا ناهيو ويندو آهي. جنهن تي جسٽس ظفر احمد راجپوت پنهنجي رماڪس ۾ چيو ته لاهور کان اسلام آباد موٽروي الڳ ناهيو ويو آهي پر سنڌ ۾ حيدرآباد کان ڪراچي موٽروي روڊ سان گڏ ڪيو ويو آهي ملڪ جي ٻين صوبن ۾ روڊن جي مرمت ۽ ناهڻ جو طريقو مختلف آهي ڇا سنڌ پاڪستان جو حصو نه آهي ۽ سنڌ جا روڊ سکر کان حيدرآباد ۽ جامشوري کان لاڙڪاڻي ۽ ڪشمور تائين خستہ حال آهن جنهن لاءِ نيشنل هاءِ وي کي سوچڻ گهرجي ۽ سنڌ جي روڊن کي به ملڪ جي ٻين روڊن وانگر ناهڻ گهرجي. ان تي جنرل مينيجر نيشنل هاءِ وي عدالت کي ٻڌايو ته سکر کان مورو تائين روڊ جو مرمتي ڪم تيزي سان شروع ڪري ڇهن ٺيڪيدارن کي الڳ الڳ ٺيڪا جاري ڪيا ويا آهن جيڪي ٻن مهينن ۾ ڪم مڪمل ڪندا جڏهن ته ڪم جي نگراني لاءِ سنڌ جو فوڪل پرسن مقرر آهي عدالت ٻن مهينن اندر روڊن جو مرمتي ڪم مڪمل ڪرڻ جو قسم نامو جنرل مينيجر کي لکي ڏيڻ جي شرط تي وڌيڪ وقت ڏيڻ جو راضپو ظاهر ڪندي چيو ته جنرل مينيجر لکت ۾ ڏي ٻي صورت ۾ سنڌ جي ٽول ٽيڪس بند ڪري سموريون فيون ختم ڪيون وينديون ڇاڪاڻ ته جنهن سهولت جو ٽيڪس ورتو پيو وڃي اها سنڌ جي روڊن تي فراهم ناهي پوءِ عوام کهڙو ٽيڪس ڏي؟.

بقايا 32 ***

ارب رپين جي منظوري ڏني. اجلاس ۾ وزير ورڪس ضياءِ عباس شاهه، چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت، چيئرمين پي اينڊ ڊي حسن نقوي، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري فياض جتوئي، سيڪريٽري ورڪس شارق احمد ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس جي شروعات ۾ سنڌ جي وڏي وزير چيو ته جولاءِ ۽ آگسٽ 2022ع دوران ٿيندڙ تيز برساتن سبب سنڌ غيرمعمولي صورتحال کي منهن ڏئي رهي آهي جنهن سبب انفراسٽرڪچر متاثر ٿيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڪيترن ئي روڊن ۽ سنڌن لاڳاپيل انفراسٽرڪچر کي سخت نقصان پهچڻ سان گڏوگڏ ٻيا رستا متاثر ٿيا آهن جن جي ترت مرمت ۽ بحالي جي ضرورت آهي ته جيئن ضلعن وچ ۾ رابطا بحال ٿي سگهن. نقصان جو ڪاٿو: سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته ورڪس اينڊ سروسز ڪاتي هيسٽائين روڊن ۽ ٻين انفراسٽرڪچر جي نقصان جو ضلعي سطح تي سروي ڪندي ڪاٿو تيار ڪيو آهي. صوبائي حڪومت جي دائري هيٺ روڊ سيڪٽر جون 801 اسڪيمون متاثر ٿيون آهن جنهن جي اٽڪل ڊيگهه 8620 ڪلوميٽر آهي. روڊن جي بنيادي جار رچائڻ واري بحالي لاءِ فنڊز جي مد ۾ 94121.578 ملين (427.825$) گهربل آهن. چيف سيڪريٽري، وڏي وزير کي ٻڌايو ته ايشيائي ترقياتي بئنڪ (ADB)نقصان واري ڪاٿي جي ڊيٽا تصديق لاءِ صلاحڪار پڻ مقرر ڪيو آهي. سنڌ جي وڏي وزير 8620 ڪلوميٽر روڊن جي بحاليءَ لاءِ 66 ارب رپين جي منظوري ڏني ۽ پي اينڊ ڊي ۽ ورڪس کاتي کي هدايت ڪئي ته روڊن جي بهتر معيار کي يقيني بڻايو وڃي ۽ اهڙن گندن نالن، پلين ۽ سائفن ناهيا وڃن جن مان برسات/ گٽرن جي پاڻي جي نيڪال آسانيءَ سان ٿي سگهي. مراد علي شاهه چيو ته هاڻي اسان کي موسمياتي تبديلين جي حوالي سان پائيدار روڊ ناهڻا آهن تنهنڪري سنڌن ڍانچو ۽ مواد معيار مطابق هجڻ گهرجي. مختصر رستا: مراد علي شاهه چيئرمين پي اينڊ ڊي کي هدايت ڪئي ته ڳوٺ کي شهر سان ڳنڍڻ يا شهر اندر 3 ڪلوميٽرن تائين ننڍن خراب رستن جي بحاليءَ تي به ڪم شروع ڪيو وڃي. هن هدايت ڪئي ته ٽن هفتن اندر ڊيٽا تيار ڪري منهنجي منظوري لاءِ موڪليو وڃي. هن چيو ته هو جنوري ۾ ان تي ڪم شروع ڪندو. سنڌ جي وڏي وزير هڪ ٻئي اجلاس جي صدارت ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت ٽي لک ٽن ڪڻڪ خريد ڪندي. سنڌ جي وڏي وزير صوبائي حڪومت وٽ موجود ڪڻڪ جي ذخيرن جو جائزو ورتو ۽ مارچ جي شروعات تائين گهرج پوري ڪرڻ لاءِ پاسڪو کان 3 لک ٽن ڪڻڪ خريد ڪرڻ جي منظوري ڏني. خوراڪ واري صوبائي وزير مڪيش چاولا سنڌ جي وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته 23_2022 جي سيزن ۾ خوراڪ کاتي هيستائين 721000 ٽن ڪڻڪ جاري ڪئي ۽ کاتي وٽ اڃا تائين 379000 ٽن ڪڻڪ موجود آهي. هن وڌيڪ چيو ته نئين فصل جي لٿائي يعني مارچ 2023 تائين گهرج کي پورو ڪرڻ لاءِ 300,000 ٽن ڪڻڪ جي گهربل آهي. سنڌ جي وڏي وزير پاسڪو کان 300000 ڪڻڪ خريد ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي.

**بقايا — سنڌيار — 01**

هڪ سال پراڻي ڳوٺ حاجي حسين سومرو جي رهواسين ابوبڪر سومرو، محمد اسماعيل سومرو احمد سليمان سومرو، محمود سومرو، بدين پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو ته بااثر ماڻهن حاجي محمد حنيف سومرو، نور محمد سومرو، خالد نور محمد سومرو تي ڳوٺ جي مختص زمين تي قبضو ڪري وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن هنن چيو ته اسان جي سؤ سال پراڻي ڳوڙ ۾ 22 ايڪڙ ڪان وڏيڪ زمين آهي پر بااثر مافيا قيمتي زمينون غيرمقامي ۽ غير لاڳاپيل ماڻهن کي وڪرو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن. هنن چيو ته مقامي رهواسين جي سهولت لاءِ خوشي غمي يا ٻين اجتماعي تقريبن لاءِ ڇڏيل هڪ ايڪڙ زمين به وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي لالچي ماڻهن ڳوٺ لاءِ رکيل سموري زمين تي قبضو ڪري زبردستي وڪرو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. ڳوٺ حاجي حسين سومرو جي رهواسين جو چوڻ هو ته اسان زمينن تي غيرقانوني قبضي ۽ وڪرو ڪرڻ خلاف ايس پي آفيس ۾ لکت ۾ شڪايت پڻ ڪئي آهي هنن ارباب اختيار ڪان انصاف جو مطالبو ڪيو آهي

**بقايا — سنڌيار — 02**

موسمياتي تبديلي، ساحلي ترقي ۽ بورڊز، يونيورسٽيز محمد اسماعيل راهو ۽ تحفظ ماحوليات سنڌ جي ڊائريڪٽر جنرل نعيم احمد مغل جي هدايتن تي ريجنل انچارج سيپا شهيد بينظيرآباد گل امير سنبل پنهنجي ٽيم سان گڏجي عوامي شڪايتن تي نواب شاهه پرسان جا م صاحب روڊ ۽ ٻچيري باءِ پاس تي قائم سرن جي ڀٺن جو دورو ڪري ماحول دشمن ٻارڻ جو استعمال بند ڪرايو ۽ مالڪن کي ڊي جي تحفظ ماحوليات جي اڳيان پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو ٻي صورت ۾ خلاف ورزي ڪندڙن خلاف تحفظ ماحوليات جي قانون 2014 تحت مالڪن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي ان موقعي تي ريجنل انچارج سيپا گل امير سنبل ٻڌايو ته ماحوليات جي تحفظ واري اداري پاران سرن جي ڀٺن مالڪن کي ماحول دوست ٻارڻ استعمال ڪرڻ ۽ وڏي تعداد ۾ ٻوٽا لڳائڻ جون هدايتون ڏنيون ويون هيون ته جيئن سنڌ حڪومت جي تحفظ ماحوليات جي قانون 2014 تي عمل ڪندي ماحول کي بهتر بڻائي سگهجي جنهن تي مالڪن پاران عمل ناهي ڪيو ويو ان لاءِ ڪاروايون ڪيون ويون آهن.

**بقايا — سنڌيار — 03**

فوري طبي امداد لاءِ نئون ديرو اسپتال پهچايو جتي نوجوان جو علاج جاري آهي نوجوان علي رضا سپڙيو پي پي اڳواڻ اعجاز احمد لغاري سان ڳالهيندي چيو ته زخمي نوجوان روڊ تي بيهوش حالت ۾ پيو هو جنهن کي سرڪاري اسپتال ڪٺائي آيا آهيون،زخمي نوجوان جو چوڻ هو ته موٽر سائيڪل تي پنهنجي گهر وڃي رهيو هيو ته اچانڪ مٽي کي ڇڪر اچڻ ڪري هو روڊ تي ڪري بيهوش ٿي ويو جنهن بعد نئون ديرو اسپتال پهچايو ويو آهي نوجوان جو چوڻ هيو ته هن کي اهڙي ڪا به بيماري ناهي پهريون ڀيرو هن سان اهڙو واقعو پيش آيو آهي، زخمي نوجوان هن وقت تائين نئون ديرو اسپتال ۾ زير علاج آهي...

**بقايا — سنڌيار — 04**

گهر ياتين سان ڪائيون پرائي ٻيڙي ذريعي ڳوٺ يار محمد اوڳاهي ڏي وڃي رهيا هئا ته درياءَ جي وچ ۾ وزن وڌيڪ هجڻ سبب ٻيڙي اونڌي ٿي پيئي ٻيڙي ڪلتي ٿيڻ سبب چئو طرف دانهون ۽ ڪيڪون پئجي ويون جنهن بعد ٻرياسي جي ڳوٺاڻن پاڻي ۾ ٽپا ڏيئي هڪ ڪلاڪ جي ڳولها بعد ٻئي لاش ڪڍي ورتا جيڪي تارو هيا انهن پنهنجي جان بچائي ورتي ٻنهي فوتين جا لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو پوري ڳوٺ ۾ سوڳ ڇانئجي ويو آهي ڳوٺاڻن وڌيڪ ٻڌايو ته ان حادثي دوران ٻه عورتون مسمات اميدان ۽ مسمات صغران پڻ سخت زخمي ٿي پيون آهن جن کي ڪنڊڪوٽ سول اسپتال علاج لاءِ موڪليو ويو آهي

**بقايا — سنڌيار — 05**

ظفر ڪالوني ڏهرڪي ۾ اقليتي ڀيل مارواڙي پنچائت جي حلف وفاداري تقريب ۾ ڳالهائي رهيو هيو هن چيو ته توهان جا حق گهڻا آهن توهان کي حق ڇني وٺڻا پوندا حق گهرڻ سان نه ملندا هن چيو ته حقيقت ۾ تعليم هجڻ سان توهان ۾ شعور به ايندو ڪوشش ڪري پنهنجي ننڍن ٻارن کي تعليم ڏيو هن چيو تعليم سان توهان اوچائي تي پهچي سگهندا هن کان اڳ جام عبدالواحد سميجو ڀيل مارواڙي پنچائت جي مکي ۽ صلاحڪارن کي پنهنجي عهدن جو قسم کڻايو هن کان اڳ هن پنچائت جي مکي ديوڊ لطيفي ڳالهائيندي آيل تقريب جي مک مهمان جام عبدالواحد

سميجو جا ٿورا مڃيندي چيو ڏهرڪي جا جام سميجا صاحب غريبن جا همدرد مسڪينن جا سهارا آهن هن کان اڳ جڳديش ڪمار اشوڪ ڪمار بالم رام ڪانهو ٺاڪر فقير توڏو جي پرڪيو جي نارو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو آ يڪ معزز مهمان انجنيئر جام عبدالواحد سميجو کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا.

**بقايا — سنڌيار — 06**

ڪلب جي سٽ ۽ صوبائي وزير محمد ساجد جوکيو جي تعزيت گڏاپ جي جوکي ڳوٺ ۾ سماجي رهنماءِ اعجاز فاروق خاصخيلي جي چاچي جي وفات تي گڏاپ پريس ڪلب جي چيرمين مير علي گوهر بلوچ صدر پريس ڪلب سعيد احمد چانڊيو آدم سريلو موساچنا گلشير باريجو جميل جوکيو تعزيت ڪئي ان سان گڏ صوبائي وزير محمد ساجد جوکيو سميت سياسي سماجي اڳواڻن تڏي تي پهي دعا گهري ان موقعي تي گڏاپ پريس ڪلب جي چيرمين ۽ صدر چيو اعجاز فاروق سماجي ورڪر سان مخلص انسان آهي هو ماروئڙن جي ڏک ۽ سک جو ساٿي آهي اسان سندس چاچي جي وفات تي سندس ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون آخر ۾ مرحوم جي مغفرت ۽ پوئرن جي صبر جميل جي لاءِ دعا پڻ گهري وئي

**بقايا — سنڌيار — 07**

سبب فاڪاڪشي ڪٽڻ ڪري پني خيروني ٻچڙن جو پيٽ پالڻ تي مجبور آهيون هنن چيو ته اسانجي ڪٽنب جو سياسي لاڳاپو مسلم ليگ ن سان هئڻ ڪري تر جا چونڊيل نمائندا ۽ ڪامورا اسانکي ڪابه امداد ٽينٽ يان راشن نه ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته اسان نه ڄاڻ ڪيترا پيرا تڪ جي پ ايم پي اي سيد مراد علي شاهه جي بنگلي ۽ ڊي سي نوشهروفيروز اي سي پريا جي آفيس جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون پر ڪير به اسانجي ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي ٽينٽ نه ملڻ ڪري سخت ٿڌ ۾ ٻارڙن سميت کلي آسمان هيٺ رهڻ تي مجبور آهيون هنن وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو ته فوري طور مالي ساهتا ڪري گهر ٺهرائي ڏنو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ ٻچڙن سميت مرڻ گهڙي تائين احتجاج ڪيو ويندو

**بقايا — سنڌيار — 08**

رحمت الله شيخ جي بدلي بعد نئين سيد شڪيل احمد ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي اوڀر جي چارج سنڀالي ورتي آهي سندس چارج سنڀالڻ ڪان اڳ سيد شڪيل احمد جودي ايم سي جي آفس پهچڻ تي شاندار استقبال ڪيو ويو. جنهن بعد آفيسرن سان تعارفي گڏجاڻي ڪئي جنهن کي خطاب ڪندي هن چيو ته ضلعي اوڀر جي بهتري لاءِ هر ڪاتو پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٽيم ورڪ ذريعي اوڀر ضلعي جا مسئلا حل ڪيا ويندا. هن چيو ته ميونسپل سروسز کي صرف اهم واقعن تائين محدود نه رکيو وڃي پر ادارا پنهنجو ڪردار ادا ڪن ته جيئن اهي ڪم روزاني بنيادن تي سرانجام ڏئي سگهن. هن چيو ته ميونسپل سروسز جي روزاني جي بنياد تي پيش رفت جي رپورٽ پيش ڪئي وڃي. ضروري سهولتن جا ذميوار ادارا روزاني جي بنياد تي پنهنجي رپورٽ پيش ڪن. هن چيو ته اوڀر ضلعي جي مسئلن کي دور حل ڪرڻ ۾ ڪوبه ڪوتاهي نه ڪئي وڃي ڊپارٽمينٽل آفيسر پاڻ ۽ پنهنجي ماتحت عملي ذريعي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪن. ان موقعي تي ميونسپل ڪمشنر فهيم خان ۽ ٻين کاتن جي آفيسرن کاتن بابت بريفنگ ڏني ۽ ان موقعي تي اهو فيصلو ڪيو ويو ته مستقبل ۾ هر کاتي جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ لاءِ گڏجاڻيون منعقد ڪيون ويندون. گڏجاڻي ۾ سپرنٽينڊنگ انجنيئر ايم اينڊ اي مبين شيخ، سپرنٽينڊنگ انجنيئر بي اينڊ آر سلمان ميمڻ سميت سمورن کاتن جي سربراهن شرڪت ڪئي.

**بقايا — سنڌيار — 09**

،مائڪل ج۔اسرعلہ نواب علہخان محمد صبا ،فضا ،مظهران ،لاريب ، مدح، رخسانا ۽ صنم انعام حاصل ڪيا. گورنمنٽ هاءِ اسڪول قاضہ بادل مهر ج هڊ ماستر غلام مصطفٰ مهر ،استاد گلزار احمد عباس،استاد نور احمد مهر،استاد جان محمد سومرو،استاد محمد عارف مهر، مس صائم شاگردن کا انعام پڻ ڏنا.

**بقايا — سنڌيار — 10**

محبت جاوداني هي جو مهورتي تقريب جو پروگرام زينب شادي حال ۾ ادب دوست فورم پرياروڊ پاران شاندار پر گرام منعقد ڪيو ويو جنهن هن پروگرام جي ڪمپيئرنگ عبدالغفور چانگ ڪئي پروگرام جو مهمان خاص غلام مصطفي قل ڪمشنر سکر جن هيا پروگرام جي صدارت اديب شاعر اصغر علي پٽي جن ڪيي ۽ مهورتي تقريب ۾ شاعر اشرف علي اشرف چيو ت اڄ ب ڪتاب لاءِ گڏ ٿي وجوت انقلاب اچي سگهي ٿو ۽مان آيل اديب شاعرن جو ٿورايتو هان جن مون کي

مان ڏنو منهنجي ڀن ڪتابن جي تقريب ۾ سوين دوستن شاعرن اديبن شرڪت ڪندڙن منهنجو حوصلو بلند ڪري ڇڏيو ت ڪتابن جي دنيا جا چاهيندڙ اڄ ب جديد دور ۾ موجود آهن ۽ وڌيڪ ڪتاب خوبصورت شاعري جا لکندس صدارتي مهمان اصغر علي پٽي چيو ت هن نفسا نفسي دور ۾ محبت ونڊيڻ جو خوبصورت عمل اندر جو آواز شاعري ذريعي ظاهر ڪرڻ آ ۽ شاعري جو مقصد يي اهو آت پنهجا خوبصورت احساس جذبا اندر جا ڪتاب جي صورت ۾ نقش ڪجن تا ۽ شاعر اشرف علي اشرف 9 بهترين شاعر سان گڏ بهترين ۽ نفيس انسان ب آهي تقريب سنڌي ادبي سنگت جي ضلعي رابطا سيڪريٽري صدر نيشنل پريس ڪلب ايم ظفر تگڙ محبوب نوناري مجيد ڪيريو شيراز ڪوڪر ۽ ٻين شرڪت ڪئي ڪلاسيڪل فنڪار سخاوت علي سخاوت جي غزلن ويلن کي جهومائي ڇڏيو

**بقايا — سنڌيار — 11**

سلسلي ۾ انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ منعقد ڪيل ڊويزنل سينسز ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي ٿيل اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو ان موقعي تي ڪمشنر عبدالعليم لاشاري وڌيڪ چيو ته آدم ۽ گهر شماري تمام اهم ڪم آهي جنهن لاءِ سمورا ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪميٽي ميمبر پنهنجون ذميواريون ايمانداري سان سرانجام ڏئي قومي فريضو ادا ڪن ته جيئن غلطين کان پاڪ ۽ شفاف آدم شماري ٿي سگهي ڪمشنر تعليم کاتي جي عملدارن تي زور ڀريو ته هن آدم شماري دوران انگ اکر ۽ معلومات ڊيجيٽل طريقي ڪار تحت گڏ ڪئي ويندي انهي ڪري ڊيجيٽل ٽيڪنالوجي جي ڄاڻ رکندڙ نوجوان استادن جون ڊيوٽيون لڳايون وڃن ۽ پهرين لسٽ کي شماريات کاتي وارن جي گهرج مطابق ٻيهر ترتيب ڏنو وڃي هن ڪين اها پڻ هدايت ڪئي ته جوڙيل لسٽ مطابق عملي جي حاضري کي يقيني بڻايو وڃي غير حاضر عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي اجلاس کي آگاهي ڏيندي سينسز آفيسر عامر علي لاڙڪ ٻڌايو ته ملڪ ۾ ستين آدم ۽ گهر شماري فيبروري ۾ شروع ٿي رهي آهي جيڪا ملڪ جي پهرين ڊيجيٽل آدم ۽ گهر شماري هوندي هن وڌيڪ ٻڌايو ته شماريات جي ڪم ۾ سول انتظاميہ جي مدد ۽ سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ لاءِ پوليس سان گڏ پاڪ فوج جا جوان پڻ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندا جڏهن ته شماريات جي ڪم لاءِ سيني تعلقن کي شمارياتي ضلعو قرار ڏئي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي پنهنجي تعلقي جو سينسس ڊسٽرڪٽ آفيسر مقرر ڪيو ويو آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته شهيد بينظيرآباد ڊويزن کي آدم ۽ گهر شماري لاءِ 15 سينسس ضلعن ۾ تقسيم ڪندي 78 سينسس چارجز، 447 سينسس سرڪلز ۽ 4 هزار 117 بلاڪس ۾ ورهايو ويو آهي عامر علي لاڙڪ وڌيڪ ٻڌايو ته پائلٽ شماريات تحت 20 جولائي کان 03 آگسٽ تائين ضلع سانگهڙ جي مختلف علائقن ۾ ڪاميابي سان آدم ۽ گهر شماري ڪئي وئي آهي جڏهن ته ستين آدم ۽ گهر شماري لاءِ ڊويزن سطح تي شهيد بينظيرآباد ڊويزن جي ٽنهي ضلعن جي 45 کان وڌيڪ ٽرينرز جي ٽريننگ جو عمل شروع ڪيو ويو آهي جيڪو 23 ڊسمبر تائين جاري رهندو جڏهن ته هي ٽريننگ مڪمل ڪندڙ عملدار 7 جنوري کان ضلع سطح تي عملي کي ٽريننگ ڏيندا اجلاس ۾ ڊويزنل سينسز ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي فوڪل پرسن ۽ ايڊيشنل ڪمشنر شهيد بينظيرآباد فياض حسين راهوجو،ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد محمد سليم جتوئي، ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز پروفيسر شاهده تاج ابڙو، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٿو نوشهروفيروز سيد عمار شاهہ،ايڊيشنل ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ عبدالستار راٺوڙ، اسسٽنٽ ڪمشنر روينيو دلشاد احمد عمراڻي، اسسٽنٽ ڪمشنر جنرل علي شير جمالي ، ڊي ايس پي حبيب الرحمان لاشاري، انفارميشن آفيسر اعجاز علي تيوٽو سميت ٻين عملدارن شرڪت ڪئي.

**بقايا — سنڌيار — 12**

ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ايسوسيئشن ريحانہ جوڻيجو ۽ ناري ڪاميٽي سي ٽي او ميڊم عزرا ميمڻ، عبدالحق بروهي، غلام مصطفیٰ بروهي، ڊاڪٽر عبدالعزيز لغاري، محمد اسلم جمالي پڻ شرڪت ڪئي اڳوڻن چيو ته دادو ضلعي ۾ ٻوڏ ۽ برسات جي تباهي کان متاثر ٿيل مختلف ڳوٺن جي ٻي پهچ 500 ماڻهن ۾ سياري جي موسم حوالي سان وينٽر پيڪ گرم سوئيٽر ۽ ڪمبل غريبن ۾ تقسيم ڪيا ويا. الخير فائونڊيشن غريب مسڪينن ٻي پهچ ماڻهن ۾ بهترين ڪم ڪري رهي آهي.

**بقايا — سنڌيار — 13**

ڳوٺ غلام مرتضیٰ پٽي جو رهواسي بااثر ڳوٺاڻو علي حسن پٽي ۽ سندس پٽ ۽ ٻيا اسان کي حراسا ڪري ۽ اسڪول ڇڏڻ سان گڏ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ڳوٺ جو بااثر علي حسن پٽي جيڪو هڪ قبضا مافيا آهي ۽ گورمينٽ پرائمري اسڪول غلام مرتضي پٽي تي مبيناطور قبضو ڪرڻ چاهي ٿو هنن وڌيڪ چيو ته علي حسن پٽي اسان استادن مٿان ڊيوٽي نه ڪرڻ جا ٻي بنياد ۽ غلط انظام لڳائي رهيو آهي ۽ مختلف حربا هلائي ۽ ميڊيا ٽرائل ڪري رهيو آهي ۽ اسان خلاف غلط پروپيگنڊا ڪري رهيو آهي اسان کي پريشرائيزر ڪري پريشان ڪري رهيو آهي ڪجھ ڏينهن پهريان اسڪول م ڊيوٽي دوران بغير اجازت اسڪول م ڪاهه ڪري ۽ گارگند ۽ بداخلاقي پڻ ڪئي هنن وڌيڪ چيو ته ڳوٺ جو بااثر وڏيرو علي حسن پٽي اسڪول تي مبينا قبضو ڪري ۽ اسڪول کي اوطاق م تبديل ڪرڻ چاهي ٿو جنهن جي اسان سخت لفظن م مزمت ڪريون ٿا جڏهن ته ڳوٺاڻي جي اهڙي عمل خلاف تعلقہ ايڊيوڪيشن آفيسر کي به لکت م درخواست پڻ ڏني آهي ۽ فارورڊ ڪرائي ۽ حد جي ٽاڻي خانواهڻ تي جمع ڪرائي آهي هنن ايس ايس پي نوشهرو فيروز آءِ جي سنڌ تعليم کاتي جي اعلیٰ عملدارن کان پرزور مطالبو ڪيو ته استادن سان ٿيل بداخلاقي ڪندڙ بااثر ڳوٺاڻي خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي استادن کي تحفظ فراهم ڪرڻ سان گڏ ٻارڙن جي مستقبل کي بچائيو وڃي نه ٻي صورت م احتجاج جو دائره ڪار وسيع ڪيو ويندو

**بقايا — سنڌيار — 14**

گهڙي منهنجي نوجوان پٽ بخت علي لغاري کي گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا. هنن چيو ته پنج مهينا گذرڻ باوجود جوابدار گرفتار ناهن ڪيا ويا. مقتول بخت علي جي گهرواري مسمات ريشمان چيو ته ظالمن منهنجي مڙس کي قتل ڪري مون سان وڏو ناحق ڪيو آهي منهنجو معصوم پٽ يتيم ٿي ويو آهي. هنن ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد کي اپيل ڪندي چيو ته جوابدار گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

**بقايا — سنڌيار — 15**

ڪلب ڪراچي جي ٽين سالگراهه جي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ انڊس پريس ڪلب ڪراچي کي ٽي سال مڪمل ٿيڻ تي ڪيڪ ڪٽيو ويو سالگراهه تقريب کي خطاب ڪندي انڊس پريس ڪلب ڪراچي جي صدر اصغر بروهي چيو ته ٽن سالن جي گهٽ عرصي ۾ تمام وڏي ڪارڪردگي ڏيکاري چڪا آهيون ملير ضلعي ۾ پوليس هٿان تشدد ۾ شهيد ٿيل سجاد جوکيو، سينٽرل ضلعي ۾ شهيد ڪيل صبا اسلم ،ويسٽ ضلعي جي سرجاني ٽائون ۾ غيرملڪين افغانين هٿان شهيد ٿيندڙ جاويد پٽي جي ڪيسن انڊس پريس ڪلب ڪراچي طرفان وڏي پيشماني تي هائي لائٽ ڪيو ويو جنهن تي قانوني گرفتاريون ٿيون ۽ وارثن کي انصاف پلئہ پيو اصغر بروهي وڌيڪ چيو ته اسانجي صحافت نچ مظلوم ۽ غريب طبقي لاءِ آهي ملير قائدآباد واسي ڪليم الل وڏو جي ڏاڙيلن هٿان اغواهه ٿيڻ تي وارث غريب هئڻ سبب ميڊيا جو خرچ افورڊ نه ڪري سگهڻ جي سبب انڊس پريس ڪلب ڪراچي جي صدر سان رابطو ڪيو بنا ڪنهن ريئي ورتي مغوي جو ڪيس هائي لائٽ ڪيو تقريب کي سنڌ عوامي سٽ ڪراچي جي صدر محبوب رند خطاب ڪندي چيو ته اصغر بروهي جي صحافت نرالي آهي جنهن ڪڏهن به ڪنهن ڪاموري يا ڪنهن وڏي عهدن تي قائم ماڻهن جي پويا نه رهيو آهي هميشہ غريب طبقي ۽ پنهنجي ماڻهن جو آواز بلند ڪيو آهي تقريب کي خطاب ڪندي نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي سربراهه ممتاز بروهي چيو ته سنڌي ڳوٺن تي چڙهائين ۾ اڪيلي سر اصغر بروهي پوليس ۽ ڪي ڊي اي جي عملي سان منهن آڏو آتڪايو ۽ ڪوريج ڪري گرفتار ٿيل عورتن کي پوليس موبائلن مان لاهرايو تقريب کي گڏاپ پريس جي صدر سعيد چانڊيو نيو لياري پريس ڪلب جي سرپرست اعلا غلام اڪبر راڄپر مير علي گوهر بلوچ جعفر گوپانگ ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو آخر ۾ سياسي سماجي اڳواڻن انڊس پريس ڪلب ڪراچي جي نئين چونڊيل باڊي جي صدر فدا رند سرپرست اعلا اصغر بروهي سميت سيني کي مبارڪون ڏنيون ۽ گلن جا هار پارايا.

**بقايا — سنڌيار — 16**

ادوران مارجي ويل پيارو خان ۽ صدام حسين سندراڻي قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار غلام شبير ولد رحيم بخش بروهي کي زخمي حالت ۾ ڪلاشن سميت ساٿين گلزار ولد گل حسن، عبدالرحمٰن عرف بلا بابا ولد محمد حسن، سليم ولد رحيم بخش ۽ خير بخش

ولد الاهي بخش (ذات جا سڀ بروهي) کي گرفتار ڪري ورتو آهي خير بخش بروهي موٽر سائيڪل ڦورو گينگ جو سربراهه آهي جنهن وٽان ٽي ٽي پسٽل پڻ برآمد ڪيو ويو آهي. ايس ايس پي شڪارپور رٽائرڊ ڪيپٽن فيضان علي جو چوڻ آهي ته ڌوهاري ڪيترو به لڪي يا ڀڄي پر پوليس جي پڪڙ کان بچي نه سگهندو آهي ڌوهاري ڌوهن جي واٽ تي هلندا ته پوليس مقابلا سندن منطقي انجام ثابت ٿيندا.

**بقايا — سنڌيار — 17**

وڏي ڄمار ۽ صحتمند زندگي لاءِ خصوصي طور دعائون گهريون ويون. خبر موجب ڏهرڪي جي الفتح ٽائون اندر نور محمد خان لنڊ هائوس تي لنڊ گروپ ڏهرڪي ترجمان ڊاڪٽر انعام لنڊ پاران ڪيڪ ڪٽڻ واري تقريب جو انعقاد ڪيو جنهن ۾ لنڊ گروپ ڏهرڪي جي اڳواڻ ڊاڪٽر انعام لنڊ. حاجي پير بخش پٽي، چوڌري عبدالرزاق آرائين، لياقت اعوان بهادر يار خان شر، پريل خان رهڙ، جام لياقت سميجو، حزب الله پتافي برڪت دشتي، شاهه حسن لغاري، ميان رضا رحيم چوڌري عارف مکي جئي ڪمار، مکي راج ڪمار ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي ڳالهائيندي حاجي پير بخش پٽي، ڊاڪٽر انعام لنڊ، چوڌري عبدالرزاق ۽ ٻين چيو ته لنڊ گروپ سرواڻ مير خالد احمد خان لنڊ اسان جو اثاثو آهي، ان جي وڏي ڄمار لاءِ دعاگو آهيون. هنن چيو ته مير خالد احمد خان لنڊ هميشہ عوام جي خدمت کي ترجيح ڏني آهي اهو ئي سبب آهي جو سندس شهزاده مير شهباز خان لنڊ، مير نور محمد خان لنڊ ۽ مير سردار خان لنڊ والد جي نقش قدم تي هلندي عوام جي خدمت ڪري رهيا آهن. جنهن ڪري تڪ جي عوام هنن مان مطمئن آهي، هوڏانهن تقريب جي آخر ۾ ڊنر پارٽي جو پڻ اهتمام ڪيو ويو

**بقايا — سنڌيار — 18**

مسروف آهن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي ٽريفڪ نوٽيس وٺي شهري. تفصيل موجب ملير ۾ قائد آباد جا مک روڊ ۽ ڦٽ پاٿ قبضا مافيا حوالي اينڊڙ ويندڙ گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳل شهرين ڀيٽي عذاب ۾ مبتلا ٽريفڪ پوليس غائب ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي ڪاروباري ذريعن ٻڌايو ته قائدا آباد ٽريفڪ پوليس جا صرف چار پوليس اهلڪار پل هيٺ مقرر آهن جيڪي پتو نه ڏيندڙ گاڏين کي ڳرا چالان ڏين ٿا رڪشن جي اڏن ۽ غيرقانوني موٽر سائيڪل پارڪنگ جي نگراني ڪندا رهن ٿا هنن وڌيڪ ٻڌايو ته ايس او ٽريفڪ پوليس قائد آباد تنوير شاهه ۽ وڏو منشي عمران گجر لکين روپيا هفتو اوڳاڙي ايس ايس پي ٽريفڪ ارشد زيدي تائين حصو پٽي پهچائن ٿا جنهن سبب ڪنهن به شڪايت جي صورت ۾ ايس ايس پي ملير ٽريفڪ پوليس معاملي کي لئي مٽي ڪري آئي جي سنڌ ڊي آئي جي ٽريفڪ کي سيني مسئلن کان بي خبر رکندي ڪين سڀ ڪجھ ٺيڪ هجڻ جو چئي مطمئن ڪري ڇڏي ٿو علائقي جي شهرين ۽ ڪاروباري ماڻهن سميت گاڏين جي ڊرائيورن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي ٽريفڪ سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ايس او قائدا آباد ٽريفڪ پوليس تنوير شاهه ۽ وڏي منشي عمران گجر کي هٽائي ٽريفڪ پوليس ۾ سٺي ساک رکندڙ آفيسر مقرر ڪيا وڃن جئين غيرقانوني طور تي قائم موٽر سائيڪل پارڪنگ رڪشن جا اڏا ۽ روڊن ڦٽ پاٿن تي غيرقانوني ريڙها ۽ لنڊي جا اسٽال ختم ڪري عام شهرين سميت ٽريفڪ جي اچ وڃ بحال ڪرائي سگهن.

**بقايا — سنڌيار — 19**

سي سي ٽي وي فوٽيج حاصل ڪرڻ باوجود جوابدار گرفتار نه ڪري سگهي ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي رمضان شورو ڪراچي جي مصروف ترين صدر واري علائقي ۾ موبائيل ايزي لوڊ ڪرائڻ لاءِ پهتوجتي ٻن ننڍي عمر جي شاهينگن سندس کيسي مان 75 هزار روپين جو اوپو موبائيل سيٽ ڪيڍي آساني سان فرار ٿي ويا ، جنهن جي پريڊي ٿاڻي تي سينئر صحافي پاران رپورٽ پڻ درج ڪرائي وئي ۽ پوليس پاران واقعي جا سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ حاصل ڪرڻ باوجود 5 ڏينهن گذري چڪا آهن پر پوليس اڃان تائين جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي . ٽنڊو محمد خان جي صحافين آءِ جي سنڌ ، ڊي آءِ جي ڪراچي ۽ ٻين عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته سينئر صحافي رمضان شورو جي موبائيل چوري ڪرڻ ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل موبائيل واپس ڪرايو وڃي.

**بقايا — سنڌيار — 20**

زبير احمد چاچڙ نيب چئرمين طرفان لکت ۾ جمع ڪرايل جواب ۾ عدالت کي آگاهي ڏني وئي جنهن بعد عدالت ٻڌڻي 10 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي ياد رهي ته

گهوٽڪي واري ڪٽڪ ڪريشن ريفرنس ۾ اڳوڻو ڊپٽي ڊائريڪٽر انيس الرحمان مهر، فلور مل مالڪ اشوڪ ڪمار، گيانچند، واشو رام، عبدالرشيد چاچڙ ۽ ٻيا شامل آهن

**بقايا — سنڌيار — 21**

هنڌن تان چوري ڪيل موٽرسائيڪلون هٿ ڪري اهڙو ڪيس پڻ داخل ڪيو آهي جڏهن ته ايس ايچ او قربان علي ڪلوڙ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته شهر جي مختلف هنڌن تان چابي چوري ذريعي موٽرسائيڪلون چوري ڪندڙ ٽن جوابدارن محمد رضا ڪوسو، علي حسن ڪوسو ۽ ارشاد لاڙائي کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان 8 موٽرسائيڪلون هڪ پسٽل ۽ پنج گوليون هٿ ڪري اهڙو ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي لاڪپ حوالي ڪيو ويو آهي.

**بقايا — سنڌيار — 22**

ٽائون انتظاميه ۽ چونڊيل ڪائونسلر کي پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ منٿون، پر انتظاميہ جي ڪن تي جونءِ به نه چُري. اگر اسان جو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ جي صورت ۾ عوام احتجاج جي چتاوني ڏئي ڇڏي. خبر موجب ڏهرڪي ٽائون ڪاميٽي جي سڀ کان زياده ووٽ رکندڙ وارڊ نمبر هڪ جي مصطفي آباد ڪالوني ۾ نڪاسي نظام ابترهئڻ سبب گٽر اتلي پيا آهن، جنهن سبب پاڻي رستن تي بيهجي ويو آهي، ڪالوني واسين جو شهر تائين اچ وڃ مشڪل ٿي وئي آهي، ڪالوني جي گهٽين ۾ گٽرن جو پاڻي بيهڻ سبب مسلمانن جو نماز تي وڃڻ به ڏکيو ٿي ويو آهي. ڪالوني واسين حميد ملڪ، شاهه گل شر، جميل داڻودپوٽو، شمب شر،خادم سومرو، احسان سومرو، اڪرم شيخ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته. اسان جي ڪالوني جي گهٽين ۾ پاڻي بيهجي وڃڻ سبب اسان جو شهر تائين اچڻ وڃڻ محال بڻجي ويو آهي، هنن وڌيڪ چيو ته ڏهرڪي ٽائون انتظاميہ توڙي وارڊ نمبر هڪ جو ڪائونسلر مکي ماڻڪ رام اگهور ننڊ ستل آهن، ڪيترائي ڀيرا اسان ٽائون انتظاميہ کي ڪالوني جي حالتن بابت آگاهه ڪيو آهي پر ٽائون انتظاميہ ڪالوني مان پاڻي نيڪال ڪرڻ جا ڪي به اپاءَ ناهن ورتا، هنن وڌيڪ چيو ته چونڊيل نمائندا اسان کي صرف ووٽن ٽائيم ياد ڪندا آهن، ڪٽڻ ڪانپوءِ عوام ڏانهن واجهائيندا به ناهن، هنن چيو ته اگر ڪالوني جي گهٽين ۾ بيٺل پاڻي نيڪال نه ڪرايو ويو ته احتجاجي تحريڪ هلائينداسون.s33s3s

**بقايا — سنڌيار — 23**

آفتن سبب متاثر ٿيل عورتن ۾ امدادي سامان سميت سندن بحالي لاءِ ڪم ڪيا ويا هن وقت به تنظيم ٻوڏ متاثر علائقن ۾ مستحق ماڻهن کي گهر ٺهرائي ڏنا پيا وڃن ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر عبدالغفار ڪوسو چيو ته سنڌ جي تهذيب پنج هزار سال پراڻي آهي جنهن تي فخر ڪرڻ فطري ڳالهہ آهي هن چيو ته وومين ڊولپمينٽ ايسوئيشن ضلع ۾ سماجي ڀلائي خاص ڪري ٻوڏ متاثر علائقن ۾ ڪم ڪري رهي آهي اميد آهي تنظيم طرفان ٻوڏ متاثر علائقن ۾ عورتن جي بحالي لاءِ وڌيڪ اپاءَ ورتا ويندا ان موقعي تي محمد ڏيرو سونهن فاطمہ ارم ابڙو الهچائي ميمڻ ذڪيہ عمراڻي پڻ خطاب ڪيو جڏهن ته تقريب دوران شاگردن ۽ شاگرديائين طرفان سنڌي گيتن تي ٽيبلوز پيش ڪيا ويا تقريب جي آخر ۾ پوزيشن کڻندڙ شاگرد شاگرديائين ۾ انعام پڻ ورهايا ويا

**بقايا — سنڌيار — 24**

علي شاهه، هيڊ ماستر اولڊ اسڪول عبدالصمد گبول، صحافي مير محمد ڪيريو ۽ ايس ايم سي چيئرمين علي اڪبر چانڊيو پنهنجن الڳ الڳ تقريرن ۾ نون استاد کي مبارڪون ڏنيون ۽ رٽائرڊ استادن کي سندن خدمتن تي خراج تحسين پيش ڪيو هنن چيو ته استاد معاشري جا باڪردار فرد هوندا آهن جن تي اڻ ڳڻيون ذميداريون عائد ٿين ٿيون. استاد ٻارڙن جو مستقبل سنواريندڙ هوندا آهن، اهي استاد ئي هوندا آهن جيڪي شاگردن کي تعليم سان گڏ تربيت ڏين ٿو ۽ شاگرد وڏا ٿي سماج جا بهتر فرد، ملڪ ۽ قوم جو اڏيندڙ ثابت ٿيندا آهن. تقريب کي استاد احسان جمالي، احمد علي انصاري، اختر علي پرهياڙ، قمرالدين انڙ، نادر مغيري ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. ان کان اڳ مهمانن کي اجرڪون پڻ اوڍايون ويون.

**بقايا — سنڌيار — 25**

حاصل ڪري ورتي ڪامياب ٿيلن ۾ صدر تي ڪاشف قادر ميمڻ جنرل سيڪريٽري تي عبدالمنان ٽالپر سينئر نائب صدر نائب محمد هارون نائب صدر غلام حسين منڊرو عورت نائب صدر نرگس ميمڻ جوائنٽ سيڪريٽري لالا اسماعيل پناڻ پريس سيڪريٽري آفتاب خاصخيلي فناس سيڪريٽري عطا محمد نوتڪاڻي آفيس سيڪريٽري طور محمد سليمان نهڙيو ڪاميابي حاصل ڪئي جڏهن ته صديق سومرو جو

استاد دوست پينل 43 ووٽ حاصل ڪري سگهيو تعليم دوست پينل جي اڪثريت سان ڪاميابي بعد مير امتياز ٽالپر غلام رسول ملاح سليمان منڊرو ۽ ڪامياب اميدوارن طرفان الله والا چوڪ ڪان پريس ڪلب تائين دهلن شرنائن سان ريلي سان گڏ جهومريون هنيون ڊانس ڪئي ان موقعي تي ڪاشف قادر ميمڻ ۽ ٻين چيو ته اڄ جي ڪاميابي سموري ضلع استادن جي ڪاميابي آهي هنن چيو اسان انهن ووٽرن دوستن ۽ همدرن جا ٿورائتا آهيون جنهن اسان کي ووٽ ۽ سپورٽ فراهم ڪئي

**بقايا — سنڌيار — 26**

جي ٿڌي موسم جي سلسلي ۾ گرم جرسيون ڪوٽ ڪپڙا وغيره ڏنيون ويون ان سان گڏ ذڪر جوڳي ڳالهہ اها هئي ته هڪ معصوم جنهن کي تن تي ڪپڙا پاتل نه هئا ان گهراڻي کي ڪپڙا ۽ ٻيو سامان ڏنو ويو ته ان غريب خاندان خوشي جي لهر ڇانئجي وئي ٻي طرف ان موقعي تي حاجي مظهرعلي ملاح ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته برسات جي تباهڪارين کان وٺي برسات متاثر علائقن ۾ راشن ٽينٽ ترپال ۽ ٻيو گهريلو سامان مهيا ڪيو آهي جنهن دوران مال جي چاري لاءِ گاهه به ڏنو آهي هن مشڪل گهڙي ۾ متاثرين جي مڪمل بحالي تائين مدد جو سلسلو جاري رهندو.

**بقايا — سنڌيار — 27**

خان ملاح جي سوين ملاح برادرين ۽ شهرين طرفان بدامني خلاف لڪياري پمپ خانپور جوڻيجو وٽ انڊس هاءِوي روڊ تي گذريل رات دير سان احتجاجي مظاهرو ڪندي روڊ بلاڪ ڪري نااهل ايس ايڇ او ڪڪڙ کي هٽايو امن امان بحال ڪيو جا نعره هنيا ويا احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ قربان ملاح سيد اظهار عرف قربان شاهه امين شاهه صديق ملاح عامر جانوري سميت ٻين ڪئي احتجاج دوران سنڌ پنجاب اينڊڙ ويندڙ گاڏين جون قطارون لڳي ويون ڏورانهن علائقن ڏانهن ويندڙ مسافر سردي دوران سخت پريشاني جو شڪار ٿيا ڪڪڙ پوليس جي مظاهرين کي احتجاج ڪندڙن کي منٿون ايلاز ڪيا پر مظاهرين ايس ايڇ او هٽائڻ تائين احتجاج ختم ڪرڻ کان ڪتو جواب ڏئي ڇڏيو جنهن بعد ڊي ايس پي ڪي اين شاهه مظاهرين وٽ پهچي امن امان بحال ڪرائڻ جي خاطري بعد احتجاج ختم ڪيو ان موقعي تي مظاهرين قربان ملاح چيو ت گذريل رات دير سان پورهيت محمد صديق ملاح جي گهرمان چورن پاران مال چوري ڪري ڪاهڻ جي ڪوشش ڪرڻ تان پاڳين جي اوچتي سجاڳ ٿيڻ دوران چورن جي چوري کي ناڪام بڻائي ڇڏيو چورن گهر ڌڻين مٿان فائرنگ ڪئي پر هو معجزاني طور سمورا ياتي محفوظ رهيا جوابي فائرنگ دوران چور ڀڄي جان ڇڏائي فرار ٿي ويا اهڙي واقعي بابت ڪڪڙ ايس ايڇ او گلزار احمد خشڪ کي ڪئي پر جن جي ڪن لاتار ۽ لاپرواهي وقت سر ن پهچڻ ڪري رات جي اونداهي مان چور فرار ۾ ڪامياب ٿي ويا ڪڪڙ ۽ خانپور جوڻيجو سميت مختلف علائقن اندر امن امان ڪرائڻ ۾ پوليس ناڪام ٿي چڪي آهي هڪ مهيني اندر 40کان وڌيڪ چورين ۽ ڦرن جون واداتون ٿيون آهن اڃا تائين اهو عمل جاري آهي پوليس سمورا ڏوهه واپس ن ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي آهي جيڪا هن شهري علائقي واسين سان زيادتي آهي امن امان ن هئڻ ڪري غريب ماڻهن جون ننڊون حرام ٿي ويون آهن اسين آءِ جي سنڌ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيون ٿاٽ ڪڪڙ ايس ايڇ او کي فورن هٽائي ايماندار آفيسر مقرر ڪيو وڃي ڪڪڙ ۽ خانپور ۾ امن امان بحال ڪري ڌوهارين خلاف قدم کنيو وڃي

**بقايا — سنڌيار — 28**

ورڪر پورهيتن شهرين شرڪت ڪئي انهي موقعي تي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي مرڪزي اڳواڻ عظم راجپوت ڊويزن اڳواڻ حالد قمبراڻي، اڪبر ميمڻ، اڪبر بروهي، ضلعي شيرامين لاکو صدر عبدالحڪيم دستي ۽ ٻين چيو شهيد راڻي جي ورسي تي ٽنڊومحمدخان مان پورهيت تنظيم ڀرپور شرڪت ڪندي شهيد راڻي پورهيت لاءِ هميشہ حق جي ڳالهہ ڪندي پورهيتن کي پنهنجا حق ڏنا شهيد محترمہ بينظير هن ملڪ لاءِ پنهنجي جان جو نظرانو ڏنو هن وقت ملڪ ۾ مهنگائي پورهيت طبقي کي وڌيڪ پريشان ڪيو آهي هن مهنگائي واري دور ۾ سڀ کان وڌيڪ پورهيت مزدور متاثر ٿيل آهن سڄو ڏينهن محنت مزدوري ڪرڻ باوجود به جائز مزدوري نٿي ڏني وڃي هنن چيو ايندڙ وقت پيپلز پارٽي جو آهي جنهن ۾ ملڪ جو وزيراعظم بلاول ڀٽو ٿي غريب پورهتن کي پنهنجا حق ڏيندو انهي موقعي تي ميڙاڪي کي غلام رسول جلالاڻي الله بچايو لاشاري قيوم پٽي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

**بقايا — سنڌيار — 29**

ڪٿي تعلقي ڀريا اندر سرسي حاصل ڪري ميدان ماري ورتو ان موقعي تي الفتح پينل جي عهديدارن پاران اليڪشن کٽڻ جي خوشي ۾ جهمريون هنيون ۽ مٺايون پڻ ورهايون ويون تعلقہ صدر تي ڪامياب ٿيل استاد منظور رند چيو ته تعلقي ڀريا جي استادن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس

**بقايا — سنڌيار — 30**

آهي ڪنهن ضرورت سبب بينڪ مان لون کڻڻ چاهيو اٿس پر بينڪ مينيجر رجب منگي، ايريا مينيجر عبدالجبار سومرو ۽ بينڪ عملو لون کڻڻ لاءِ غيرقانوني رشوت طلب ڪري رهيا آهن رشوت نه ڏيڻ تي لون نه ڪري ڏيڻ جون ڌمڪيون ڏئي بينڪ جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي ۽ بائيو ميٽرڪ نه ٿيڻ جو بار بار بهانو ڪيو پيو وڃي، هن چيو ته تقريبن 2 مهينا ٿي ويا آهن لون کڻڻ جون بينڪ طرفان ڏنل تمام قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ باوجود لون نه ٿو ڏنو وڃي، بينڪ انتظاميہ پنهنجي هٺ ڌرمي تان باز نه اچي رهي آهي هن اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جي گورنر، صوبائي وزير خزانہ ۽ ايڇ بي ايل مائيڪروفنانس جي اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪندي چيو آهي ته بينڪ جي ڪرپٽ عملي جي پينشن هولڊر ضعيف العمر ۽ مجبور ماڻهن سان ناجائزين جو ازخود نوٽيس وٺي پينشن هولڊرن کي سهولتون مهيا ڪيو وڃن ۽ بينڪ جي ڪرپٽ ۽ راشي عملي کي فوري طور تي هٽايو وڃي ته جيئن هن اداري جي ساک کي نقصان نه پهچي

**بقايا — سنڌيار — 31**

جي ڪري سڄو بدين ڪچراستان بڻجي ويو آهي هر پاڙي گهٽي روڊ رستي تي ڪچري جا ڍير ۽ نالين جي گندي پاڻي م ٻڏل آهن انتظاميا جي نالي سان ڪا شيءِ نظر نٿي اچي بدين جي مک قائد اعظم روڊ تي ميونسپل ڪميٽي جي پاسي م مهراڻ چوڪ جو واپاري مرڪز گندي پاڻي م ٻڏل آهي جنهن جي ڪري واپاري ڪاروبار ڪرڻ کان قاصر آهن هنن چيو ته ادائي ڪروڙ کان وڌيڪ ماهانا آمدني ۽ چار سئو کان وڌيڪ ملازمن جو بوجھ برداشت ڪندڙ ميونسپل ڪميٽي شهرين کي بنيادي سهوليتون ڏين ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي هنن سنڌ جي چيف سيڪريٽري سيڪريٽري بلديات ڪمشنر حيدرآباد ڊي سي بدين کان مطالبو ڪيو ته بدين شهر جي مختلف علائقن ۾ موجود گندگي جو نوٽيس وٺي ميونسپل ڪميٽي جي فنڊن جي بي ريا جانچ ڪرائي ڪروڙين رپين جي ڪريشن ۾ ملوث ڪامورن ۽ سياسي ماڻهن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائي شهرين کي بنيادي انساني حق ڏياري شهرين مان بي چيني کي ختم ڪيو وڃي

**بقايا — سنڌيار — 32**

ڪنير سڙي سخت زخمي ٿي پيو هو جنهن کي وارث ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪراچي نجي اسپتال ڪٺائي ويا هئا جتي زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو جنهن تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو فوتي ٻارڙي جي جنازي نماز لاڪا ۾ ادا ڪري مڙهه آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ت وارثن سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي

**بقايا — سنڌيار — 33**

ٽورنامينٽ ۾ اٺ ٽيمن حصو ورتو جنهن جو فائنل جانباز اليون نئون ڪوٽ ۽ اختر قائمي جهڏو جي وچ ۾ ٿيو اختر قائمي ٽاس کٽي پهرين بيٽنگ ڪندي 134 رنسن جو ٽارگيٽ ڏنو مليل ٽارگيٽ جو پيڇو ڪندي جانباز اليون مقرر 8 اوورن ۾ پنج وڪيٽن جي نقصان تي 116 رنسون ٺاهي سگهي اهڙي طرح اختر قائمي جهڏو جي ٽيم 20 رنسن تان ٽورنامينٽ جو فائنل کٽي ورتو آخر ۾ کٽيل ٽيم کي مهمان خاص پ پ پ نئون ڪوٽ جي سٽي صدر نور محمد منڊرو 10 هزار ڪيش ۽ ٽرافي جڏهن ته هارايل ٽيم کي 5 هزار ڪيش ڏنو.

**بقايا — سنڌيار — 34**

لاڙڪاڻو روڊ تي رکي قاتلن جي گرفتاري لاءِ روڊ تي ٽائرن کي باهيون ڏئي روڊ بلاڪ ڪيو ويو. مقتولن جي وارثن پاران ٿاڻي ڳڙهي خدابخش ڀٽو پوليس خلاف مقتول علي حسن ميراڻي جو لاش نئون ديرو جي باب ذوالفقار چونڪ تي رکي سکر ۽ لاڙڪاڻي رتوديرو وڃڻ وارا رستا بلاڪ ڪري پوليس خلاف سخت نعري بازي سان گڏ لاش رکي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا.احتجاج ۾ شامل مقتول جو والد لعل بخش ميراڻي،انورعلي ميراڻي، احمد علي ميراڻي ۽ ٻين احتجاجي ڌرڻي هنيو. ڌرڻي ۾ وينل مالڪن جو چوڻ هيو ته ٽي ڏينهن گذري ويا آهن پر پوليس هن مهل تائين چنگچي ڊرائيور کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي. هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور تي چنگچي ڊرائيور کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي...

**بقايا — سنڌيار — 29**